نئين زندگي

ڪملا ٻتاڻي

نئين زندگي

(ڪهاڻيون)

ڪملا ٻتاڻي

پنڪج پبلڪيشن
اجمير

ٻه اکر

سنڌي ادب جي ڪهاڻي جڳت ۾ ليکڪا ڪملا ڀڳتياڻيءَ جو نالو نئون نه آهي. ڪافي پراڻو آهي. سالن کان سندس قلم گهروُ ماحول ۽ سماجڪ مسئلن، سٽائن ۽ برائن جي جدا جدا وشين کي اُجاگر ڪرڻ ۾ مشغول آهي. ”پرائي درد جو احساس“ ۽ ”هڪ ٻيو مسئلو“ کان پوءِ هي نئون ڪهاڻي سنگره اهڙن تخليقن جو برعڪس آهي.

هن مجموعي ۾ ڏهه ڪهاڻيون قلم بند آهن. هر ڪهاڻيءَ جو وشه جدا آهي. هر ڪهاڻي پڙهڻ جهڙيءَ جڳهه تي پهتي آهي. ڪملا ڀڳتياڻيءَ کي هر وشه سان بخوبي نڀائڻ جو ڏانءُ آهي. سندس لکڻي سرل، سادي ۽ دلچسپ آهي. ڪهاڻي پڙهڻ تي پوري ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهجي. هر ڪهاڻيءَ ۾ سٺا وشه، چرِتروان ڪردار ۽ اُتسڪتا ڀريل آهي. ان ڪري هر ڪهاڻي معياري آهي. شايد اهو ئي ڪارڻ آهي جنهن ڪملا ڀڳتياڻيءَ کي ڪهاڻي کيتر ۾ پنهنجو هڪ الڳ مقام عطا ڪيو آهي. جتان هوءَ اڃان به اڳتي وڌندي ۽ مٿي چڙهندي.

NAEE JINDAGI

(Short Stories)

By :

Smt. KAMLA BUTANI

Lecturer - Hindi

Govt. Girl's Model Senior Higher Secondary School,

AJMER

First Edition : 1994–95

Price Rs. 30/- only

Published by :

PANKAJ PUBLICATION

E - 19, U. I. T. Colony,

Naka Madar, Ajmer.

Printed by :

KAUSHAL PRINTING PRESS

3, Dayanand Market, Kaiser Ganj,

Ajmer - 305001

Phone : 32767

آخر ۾ اهو چوڻ به ضروري آهي ته ليکڪا ڪملا ڀٽياڻيءَ ۾ ڪافي قوت آهي. سندس لکڻيءَ ۾ وشين سان نڀائڻ ۽ اظهار ۽ سادگيءَ جو اثر آهي. سندس ڀاشا سرل آهي. جنهن کي هر پاٺڪ سولائيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي ٿو. سندس لکڻي اڃا به اثردار ٿيندي. سندس لکڻيءَ ۾ سٺيءَ جهڙي ڇڪ پيدا ٿيندي جيڪا پاٺڪن جي دلين ۾ ڇهندي ۽ کين ڏڦقائيندي. پاٺڪن جي دماغ کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪندي. تڏهن ليکڪا کين ڳالهائيندي، ڪهاڻيءَ جا ڪردار ڪونه ڳالهائيندا. صرف ڪردارن جا احساس ڳالهائيندا ۽ پاٺڪن جا ذهني احساس سوچيندا، پوءِ شايد ڪيس پوپٽي هيراننداڻي، سندري اتمچنداڻي، ڪلا پرڪاش، مايا راهي، تارا ميرچنداڻي، رينا شهاڻي، اندرا واسواڻي، گوپي موٽواڻي ۽ ٻين اوچ ڪوٽيءَ جي ليکڪائن جي صف ۾ شمار ٿيو وڃي ۽ بس.

سيرو "سياهه" (اجمير)

U I.T Plot No. 257 Ajai Nagar, AJMER-305003

هن مجموعي جي هر ڪهاڻي نصيحت - آميز آهي، "سونهري آس"، "گهر جو چراغ" ۽ "نئين راهه" جا موضوع گهرو رسمن ۽ انهن ۾ پيدا ٿيندڙ نفاقن کي دور ڪرڻ جا سنا جتن آهن. "انڌي ممتا" هڪ ٻال ڪهاڻي آهي جنهن کي ٻال ساهتيه ۾ شمار جي ته، کو اوچو مقام حاصل ڪري. هن ڪهاڻيءَ جي وشيه سان ليکڪا شروع کان آخر تائين جنهن نموني نڀايو آهي سو ساراهه جوڳو آهي. ڪهاڻي "نئين زندگي" جي آخر ۾ هيرو راجڪمار جيڪو دليرانو قدم کڻي هيروئن مدد کي پنهنجي فيصلي کان واقف ٿو ڪرائي سو ليکڪا جي ذهن جي فراخ - دليءَ جي سوجهه ٻوجهه آهي. "نيجڙيءَ جو ورثو" ڪهاڻيءَ ۾ اڄ ڪالهه جي زالن جي وهنوارن ۽ عادتن جو صحي - صحي چٽر چٽيو ويو آهي. ڪهاڻي "گنهگار" ۾ ٻه سماجڪ زندگيءَ جو سچو چٽرڻ آهي، جو حقيقت پرست آهي. "سچو جيون ساٿي" ڪهاڻي جهڙي نموني ڀارتيه سنسڪرتي، رهڻي ڪهڻي ۽ سادگيءَ کي ٻين ملڪن جي سنسڪارن کان وڌيڪ اوچو رکيو ويو آهي، سو هر ڀارتيه ناريءَ لاءِ نصيحت جو باعث آهي. ڪهاڻي "پيار جو احساس" ۽ "سپنا سچ ٿي ويا" ۾ اڄ جي گهرو ماحول نقش آهن.

سونهري اُس

نيلوءَ جي اکين مان ننڊ ائين اُڏامي وئي هئي جيئن ڪافور. گذريل شادي ڪيل ڏهن سالن جي زندگيءَ جا چٽ رنگين نه رهي ڌنڌلا ٿي رهيا هئا. گهر ۾ روز روز جي ڪٽ پٽ کان تنگ ٿي هوءَ اڄ ئي ته جوش ۾ پيڪي هلي آئي هئي.

ڏهه سال سهي هن جي سهڻ جي شڪتيءَ ڄڻ جواب ڏئي ڇڏيو هئو. پر جيئن جيئن گهڙيال جون سُيون اڳيان ٿي وڌيون تيئن تيئن هن جو جوش ۽ ڪروڌ شانت ٿيندو ٿي ويو. هن کي عجب لڳو ته ڇو اڄ هن اهو غلط قدم کڻي پاڻ کي پتيءَ ۽ پيڪن جي نظر ۾ هلڪو ڪرائي ڇڏيو؟

هن جي امڙ جيڪا هن جي هر وقت اچڻ تي گد گد پئي ٿيندي هئي، هن دفعي ڪيڏي نه رکي نوع ۾ پيش آئي آهي؟ ڀاڄائي ديپا جيڪا هن کي پاڻهن ڀلي سمجهندي هئي، ايندي ئي هن جو دلي سواگت ۽ سنمان ڪندي هئي، اڄ ڇو اُها نظر چورائي پاسو ڪري پئي نڪري؟ اڳئين دفعي پيڪي اچڻ تي ته

سلسلو

گهور ايمان ڪيو آهي. ان ڳالهه ۾ نياءُ نه ٿيندو ڏسي نيلوءَ جو سؤ ايمان هيڪاري جاڳي اُٿندو آهي ۽ پوءِ هوءَ روئي ڏوئي ان ايمان جـو وش ڳوڙهن ذريعي ڪڍي وري پاڻ کي شانت ڪندي آهي.

ڪالهه به هڪ ننڍيءَ ڳالهه تان ئي ٽنٽو ٿيو هئو. گهر ۾ کير صبوح شام ورتو ويندو آهي پـر ٻارن کان به وڌيڪ کير جو ڪاپو هن جي سس تي ئـي آهي. صبوح جو به پيئندي ته رات جو به پيئندي. منجهند جو به ڏهي يا لسي ضرور کپيس نه ته روئي ٿي نـه وٺيس. ڪالهه سسٽس کي گهورا ٿي پيا هئا تڏهن ٿي نيلوءَ چيو هئو، "امين، اڄ صبوح جو کير کٽي نه پيئو جو گهورن لاءِ کير نقصانڪار آهي."

بس ايترو نيلوءَ جو چوڻ مس هو ۽ سسٽس اچـي مٿي ۽ گهر ۾ مهاڀارت مچي ويو. چي "منهنجي ڪاڌي پيتي تي توکي مرچ ٿا لڳن. تـون ته چئين ٿڪو کان ٿڪو پيئان، بس هوا تي پئي هلان. کير نه پيئندس ته آنڊا لڳي نه ويندا؟ اڙي گهٽ ۾ کير پيٽ مان گهمي ته نڪري ٿو نه؟ منهنجي پٽ جي ڪمائي آهي تون ڪونه ڪمائي آئي آهين جو ايڏو روب ٿي رکين. جيڪر ايڏو ئي روب رکڻو اٿئي ته وڃي الـڳ جاءِ وٺي رهو ته خبر پوئوَ ته گهٽي ويهڻ سؤ ٿيندو آهي."

هن جو تمام گهڻو سنگار ڪيو ويو هو، پر هن ڏٺي هي اچانڪ پاسو ڪيئن پلٽجي ويو؟

پر انهن سڀني سوالن جا جواب هن کي خود ٿي هن جي من ڏني ڇڏيا. هوءَ ته هوءَ، هوءَ خود به ته هنن سان نظرون چار ڪرڻ ۾ ڪيٻائي پئي ۽ من ۾ هيڻ ۽ ڪمزور ڀاونا جو شڪار لڳي پئي هئي.

هوءَ وري وري پڇتائڻ لڳي ته ڇو هوءَ پنهنجو گهر ڇڏي بيگانن وانگر نڪري آئي ۽ سڀني جي نظر ۾ ڪري پئي.

جوش ۾ هوءَ پلجي وئي ته گهر ۾ به باسڻ ٽڪرائيندا ٿي. نيلوءَ جي سس ۽ نراڻ به آهي ۽ انهن سان هن جا ڳره شروع کان ٿي ٺهيا ٿي ڪونه. روز روز ڪنهن نه ڪنهن ڳالهه تان کٽ پٽ ٿيندي هئي جنهن نيلوءَ جي دل گهر مان ٿي کٽي ڪري ڇڏي.

نيلوءَ جو گهوٽ ديپڪ هون ته ڏاڍو سمجهدار، سهنشيل ۽ ٿڌي سڀاءَ جو هئو پر ماءُ جي برخلاف ڪجهه چوڻ بدران هن جي منهن ۾ جڻ مڱ پئجي ويندا هئا.

نيلوءَ جو جڏهن سس سان تڪرار ٿيو آهي ديپڪ نيلوءَ کي ٿي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ماءُ جي غلطيءَ کي سدائين ناڪاري نيلوءَ جو

۾ گاڏيءَ ۾ ويھي پيڪي هلي آئي. ڏيپڪ جيسين هن کي روڪي ۽ ٻاهر نڪري تيسين ٽوسيٽر ڪري نيلو هن جي نظرن کان اوجهل ٿي وئي.

۽ پيڪي ڀڄندي ئي راس جو هن جو جوش هوش ۾ بدلجڻ لڳو. ڳوڙها ٽپ ٽپ وهي وهائڻ پسائڻ لڳا ۽ هوءَ اُن گهڙيءَ کي پٽڻ لڳي جنهن گهڙيءَ جوش ۾ هن گهر ڇڏيو. هن جي ابهم ڌيءُ گڏي هن جي ڀر ۾ ئي گهري ننڊ ۾ سمهي پئي هئي. هن جو معصوم چهرو ڏسي هن کي ھيڪاري وڌيڪ روئڻ اچڻ لڳو. ۽ پوءِ روئندي روئندي ڪڏهن هن جي اک لڳي وئي خبر ئي نه پيس.

صبوح ٿي ويو ۽ هن کي نه ڪنهن اُٿاريو نه چانهه لاءِ پڇيو. خود رسوئيءَ ۾ وڃي هن پنهنجي لاءِ چانهه ناهي پيتي جيڪا هن کي بيسواد پئي لڳي. ماڻس صبوح کان ئي پوڄا ۾ مشغول هئي ۽ پاڇائي ڏيپا ڪم ۾ ايڏي رُڌل هئي جو هن کي نيلوءَ جي حاضريءَ جو ڪو احساس ئي نه هئو. هڪ ٻئي مٿان ڪم ڪندي هوءَ پاڻ کي مشغول رکڻ جي ڪوشش ۾ نيلوءَ ڏانهن اک کڻي نهارڻ جي فرصت به نه پئي ڪڍي سگهي.

نيلوءَ اها روش ڏسي اندر تائين جلي وئي. رڳو

نيلوءَ کي روز روز جاءِ تان طعنا ڏنا ويندا هئا. ڇو جو جاءِ سنڌس سهرو سس جي نالي ڪري ويو هئو ۽ جاءِ جو ٻانوڙ هن کي ايڏو هئو جو هر وقت جاءِ جي اوٽ ۾ هوءَ نيلوءَ جي ڏکندڙ رڳ تي ئي پير رکي هن کي ڏٻائڻ جي ڪوشش ڪندي هئي. ڇو جو هن کي خبر هئي ته ٻي جاءِ مسواڙ تي وٺڻ لاءِ هنن کي ڪافي وڏي رقم هر مهيني ڪرائي تي خرچ ڪرڻي پوندي ۽ پوءِ گهر خرچ هلائڻ لاءِ بچندن ئي ڇا؟ ديپڪ ڪو وڏو آفيسر ته آهي ڪونه جو ايڏو خرچ برداشت ڪري سگهي. شايد ديپڪ جي ٿڌائيءَ جو سبب به اهو ئي هجي، اهو سمجهڻ جو نيلوءَ ۾ به عقل هئو پر روز روز جي طعنن کان ته الڳ جاءِ وٺڻ ئي بهتر آهي هوءَ سوچيندي هئي.

معمولي ڳالهه وڏي ڪٿي ورڻ ڪيو. آفيس مان ديپڪ جي ايندي ئي وري مهڻ مٿو. پر ديپڪ ماءُ کي هڪ اکر به نه چيو. ديپڪ جي پهچڻ ئي هن لاءِ چانهه ڪٿي آئي پر نيلو ته ڪمري کان ٻاهر ئي ڪونه نڪتي. اندر ئي پڙ ٻڙ ڪندي پيتيءَ ۾ جلدي جلدي ڪپڙا وجهڻ لڳي ۽ پوءِ تيز قدمن سان پيتي ڪڻي پنهنجي نون سالن جي ڌيءُ گڏيءَ ساڻ ڪري اهو چئي ته "هتڙي نه رڳو جهڙي گهر ۾ رهڻ کان ته سٺو آهي ته مان پيڪي هلي وڃان." ڇوڙدي سڀ پنج جوش

منجهند جو روٽي کائي سڀ آرامي وڃي ٿيا پر نيلوءَ کان آرام ڪرڻ ڪوهه پري هو. هاڻي هن جي ڪروڌ جو شڪار ديپڪ ٿيو. نيلوءَ کي عجب لڳو ته هيلتائين ديپڪ هن کي وڻڻ ڇو نه آيو آهي؟ هن کي ته پورو وشواس هئو ته هو هن جي پنيان پنيان ايندو هوندو ۽ پوءِ هوءَ به سڀ ماڻو پلجي هن جي پنيان هلي وڃي هان. هن جي لاءِ هڪ ڏينهن به هڪ يگ جي برابر هئو.

منجهند جو ٽي بجي ديپا سهي سنڀري پرس کڻي ۾ ڪري لاهو چوندي هلي وئي ته هوءَ مهلا ويلفيئر سوسائٽيءَ جي ميٽنگ ۾ وڃي رهي آهي ۽ شام جو موٽندي. گڏ کڻي ساهيڙيون به اينديون انهن لاءِ ناشتو تيار ڪري رکندا. اُس جو ڪارو چشمو اکين تي رکي هن سس ۽ نيلوءَ تي هڪ نظر اُڇلائي ۽ در کان ٻاهر ٿي وئي.

نيلوءَ ڏٺو ته ماڻس نماڻن نيڻن سان، ڏرنهن کي ويندي پئي ڏٺو ۽ هن جي حڪم کي انڪار ڪيو ۽ پوءِ نيلو ۽ ماڻس کڻي ناشتو ٺاهڻ رسوئيءَ ۾ لڳي ويون.

ساڍي پنجين بجي شام جو ديپا ڇهن ستن ساهيڙين سان گڏ اچي بيٺڪ ۾ ويهي ڳالهائڻ لڳي. هن

سنڌس ڏانهن ٿي ته پر سنڌس ماءُ ڏانهن به ڊيڍا جو
وهنوار بدليل ۽ ناقابلي برداشت هئو. ماڻس ڄڻ نونهن
کان ڊڄندي ٿي رسوئيءَ ۾ پير پاتو. ماڻس کي وڏي
ڪمري مان ڪڍي هن جو بسترو اسٽور روم ۾ لڳايو
ويو هئو ۽ ماڻس جي ڪمري کي ٻارن جي اسٽڊي
روم جي ٽيبل ۽ سمهڻ لاءِ پلنگ وجهي ٻارن جي حوالي
ڪري ماءُ جي چڱي طرح بيعزتي ڪيل ڏسي ته نيلوءَ جو
اندر ڀڄري ويو.

نيلوءَ گهڻئي ڪوشش ڪئي ته ان ٻاري ۾ ماءُ
سان ڪو حال اوري ۽ چوي ته ”ممي جاءِ ته، توهان
جي نالي آهي پوءِ هيءُ سڀ راجا ٿهي ويٺا آهن ۽
توهان کي نوڪرياڻي ٿاهي ويٺا آهن. جڏهن سنڌس
سس جاءِ جي بانور تي پٽ نونهن کي مڙهُ ناهي
ويٺي آهي.“

پر نيلوءَ جي ماءُ نيلوءَ کي اهڙو ڪو موقعو ڏيي نه
ڏنو جو هوءَ هن گهر کي به ويڙهائي سگهي.

پوڄا مان اٿي ماڻس وري ٻه گهر جي ٻين ڪمن
۾ اهڙي جنبي وئي جو نيلو پاڻ کي نپٽ اڪيلي ۽
نڪمي سمجهڻ لڳي. پاڻ ڏانهن ٻڌهي جو بدليل
رخ ڏسي ان کان سواءِ هوءَ ڪجھ نه ڪري سگهي ته
ويهي من ۾ ويچارن جي ماندائي هلائي ڪنهن نتيجي
تي پهچي.

ساڙهيءَ ۽ پيرن تي ڪري ته مامي چوڻ لڳي "توکي تميز ڪونهي، ماءُ توکي سيکاريو ڇا هي؟ هيڏو ڪم نٿي ڪري سگهين؟ مٺي هلو جلدي پنهنجي گهر هلو. هلو نه مٺي."

گڏيءَ جو ڳوڙهو ڳل ۽ اُن تي اُڪريل آڱرين جو نقشو ڏسي نيلوءَ جي دل تي جڻ اهي نشان اُڪري آيا. هن جي اکين مان به ٻيوسيءَ جا ڳوڙها وهڻ لڳا. جوش ۾ اچي هوءَ ديپا کي ڪجهه جو ڪجهه ٻڪڻ لڳي ۽ پوءِ پيٽي کڻي اُنهيءَ ئي حالت ۾ واپس ٽرين تي وڃڻ لاءِ تيار ٿي.

تڏهن ديپا هن جو رستو روڪي ڳراٽڙي پائي چوڻ لڳي "نيلو ناراضگيءَ ۾ تون ڀلجي وئي آهين ته رات جي ٽرين هاڻي توکي نه ملندي."

نيلوءَ چيو "مان پليٽفارم تي رات گذاريندس پر هتي نه رهندس. توهان مٺيءَ جي ڪهڙي حالت ڪئي آهي؟ ايتري قدر جو اسٽور روم ۾ رهڻ لاءِ مٺيءَ کي جاءِ ڏني اٿو؟ جڏهن ڪ هيءَ جاءِ مٺيءَ جي نالي تي آهي. ٻيو سڀ ته ٺهيو اڄ توهان منهنجي سڪيلڌي گڏيءَ کي به نه بخشيو آهي. اهڙي هنڌ مان هڪ منٽ به ترسڻ پنهنجو اپمان ٿي سمجهان."

تڏهن ديپا چيو "جيڪر اها ڳالهه آهي ته پوءِ

وسوئيءَ ۾ ليٽو پائي ڏسڻ جي زحمت ڪانه ڪئي ۽ آرڊر ڏنو "ممي ڇهه ست ڪوپ پيالا چانهه ته موڪليندا."

نيلوءَ جي ماءُ جلدي جلدي چانهه ٺري ۾ تيار ڪري آيو ساهه کڻيو جيئن ڏاڍو ٿڪجي پئي هجي ۽ پوءِ گڏيءَ کي نيزاري ڪندي چيو "پٽ گڏي هيءَ چانهه ته بينڪ ۾ ڏئي اچ."

نيلوءَ کي ماءُ جي روش بلڪل نه وڻي. چا گڏي نوڪرياڻي آهي جو چانهه کڻي وڃي؟ پر وري اهو سوچي ته ممي ٿڪل آهي هن پاڻ تي ظابتو ڪيو.

گڏيءَ جو چانهه کڻي وڃڻ هئو مس ته بينڪ مان زور زور سان چلائڻ جا آواز اچڻ لڳا جيئن ڊيڊا ڪنهن کي دڙڪا ڏيندي هجي. نيلوءَ پڙدو هٽائي ڏٺو ته تن بدن ۾ آگ لڳي ويس. چا ڏسي ته گڏي گل تي هٿ رکي روئي رهي هئي ۽ ڊيڊا غصي ۾ لال ٿي دڙڪا ڏيندي الائي چا جو چا بڪندي ٿي وئي.

"چا ٿيو گڏي؟ تون ڇو پئي روئين؟" گڏيءَ کي ٻانهن کان ڇڪيندي اندر وٺي ويندي نيلوءَ چيو.

گڏي نيلوءَ کي چنبڙي وئي ۽ سڏڪا ڀريندي چيائين "ممي چانهه کڻي اندر ويس ته ٽيبل سان پير ٽڪرائجي ويو ۽ چانهه جي ٿري وڃي ماميءَ جي

ليلو پنهنجي ڪئي تي تمام شرمسار هئي. اُن وقت ئي در تي ٺڪ ٺڪ ٿي. ديپڪ در تي بيٺي مسڪرائيو پئي ڏ پڇهن ليلو ديپڪ سان عزت ۽ نئي سکيا تي عمل ڪرڻ جي پڪي ارادي سان پنهنجي ساهري واپس موٽي. هُن کي اجوڪي اُس سونهري پاسي رهي هئي جيڪا ساهري گهر ۾ هن جو سواگت ڪرڻ جو پيغام ڏيئي رهي هئي.

—∘∘∘—

توهان پنهنجي سس کي نوڪرن جي ڪوارٽر ۾ وڃڻ جو چئي ڇا هن جو اپمان ڪونه ڪيو آهي؟ ڇا نراڻ کي چانهه ڪيرائڻ تي تڪڙ نه هئي آهي؟ جيڪر اهو اپمان آهي ته هو ۽ دليپ ڪيئن سهندا.“

نيلوءَ جو ڪيو سامهون آيو هئو. هوءَ شرمسار هئي ته هي ڳالهيون ڪنهن هن کي ٻڌايون. هوءَ سوالي نگاهن سان دليپ ۽ ماءُ کي ڏسڻ لڳي. تڏهن ماڻس چيو ”پٽ جيڪر تون پنهنجي ماءُ جو اپمان نٿي سهي سگهين ته پوءِ دليپ ڪيئن ماءُ ۽ پيءُ جو اپمان سهندو. سس کي ماءُ ڪري مڃڻ سان ئي هوءَ توکي ڌيءُ سمان پيار ڏيندي. ’منڙا گهر نه گهران‘ ٺيڪ ئي چيو اٿن. ’وهنوار اهڙو ڪجي جهڙو خود توهان پڻ ڪان چاهيو ٿا.“

ماڻس نيلوءَ کي ڀاڪر ۾ ڀريندي چيو ”پٽ هيءُ ته سڀ ناٽڪ آهي. اسان سڀني توکي سکيا ڏيڻ واسطي ئي هيءُ ناٽڪ ڪيو آهي. نڪا مان اسٽور روم ۾ رهندي آهيان نڪا منهنجي نونهن منهنجو ڪڏهن اپمان ڪندي آهي. تڏهن ته اسان جو گهر سرڳ لڳو پيو آهي جتي اشانتي هوندي اُتي نرڳ جو راڄ هوندو. جيون کي سکي ۽ سندر ٺاهڻو آهي ته پريم پريت سان رهي جيون کي سندر ٺاهڻ جي ذميداري هر عورت جي آهي.“

هن ٻنهي جا سپنا جڻ روشن جي ڊاڪٽر بڻجڻ تي
أي ساڪار ٿيڻا هئا. جنهن ڏينهن روشن ڊاڪٽر ٿيو
هنن سوچيو ته اسان جي غربت جا ڏينهن ڪوچ
ڪري ويا پر ائين ٿيو ڪين.

ڊاڪٽر ٿيڻ کان پوءِ روشن جي شادي هڪ امير
خاندان جي ڊاڪٽر ڇوڪريءَ سان ڪرائي وئي. جيوتي
ڪيڏو نه خوش هئي هڙي سٺي سنبنڌ مان. خوشيءَ
سان سڄو ڏينهن ڪم ڪار ۾ رڌل هوندي به نٿڙ اندي
پئي هئي. جڏهن مينا هر وقت ٻاهر نوڪريءَ ۽ گهر
۾ آرام جي اڌڪاري هئي. مينا ڪڏهن به ڪنهن
ڪم ۾ هن کي همٿ نه وڌائيندي هئي. موڪل ڏينهن
به ٻئي زال مڙس سهي سنيري ڪنهن نه ڪنهن محفل
کي وڃي آباد ڪندا هئا.

مينا پنهنجي ٻهراڻ شاديءَ جي سالگره تي ڪجهه
ڊاڪٽر جوڙن کي ٻاڻ وقت دعوت ڏني. هيترا ڏينهن
ته گهر جي حالت تي هن ڌيان ڪونه ڏنو هئو پر اڄ
دعوت ڏئي سمجهي نه سگهي ته مهمانن کي وهاريندي
ڪٿي؟ نه ته هن وٽ پلنگ جو سوفا هو نه ڊائننگ
ٽيبل، نه ماڊرن گهر نه گهر جي سجاوٽ. هوءَ جهنجهلائڻ
لڳي. ان ڏينهن هن محسوس ڪيو ته هڙي گهر ۾
هن لاءِ رهڻ هاڻي ناممڪن آهي. ان ڏينهن ته ڪيئن

گهر جو چراغ

جيوتي پنهنجي خيالن ۾ غلطان آهي. چنتا سندس پيشانيءَ جي گهنجن مان صاف جهلڪي رهي آهي. چنتا کان آجي ٿئي به ڪيئن؟ جڏهن کان ديپڪ جو ٽائيفائڊ بگڙيو آهي هو بستري داخل آهي. جيوتيءَ کي ياد آهي ته ڏيڍ مهني کان ديپڪ بستري داخل آهي. ديپڪ هڪ معمولي ڪلارڪ آهي. هن جي پگهار مان زال ۽ ٻن ٻارن جي پيٽ پالنا به مشڪل سان ٿئي ٿي. مهانگائيءَ جو منهن ڦاڙيندو ٿو وڃي ۽ جيوتيءَ جو هٿ پئسي کان تنگ ٿيندو ٿو وڃي. بچيل پئسو به بيماريءَ ۾ سواها ٿي چڪو آهي. چونـدا آهن اُهيو ڪائي اَن ۽ پيو ڪائي ڏن. ڏن خرچڻ ٿي به ديپڪ جي بيماري وڃڻ جو نالو نٿي وٺي.

جيوتيءَ کي پراڻيون يادون ورائي ورتو. جڏهن هن جو ڏير ڏهن سالن جو هئو هن جي سس گذاري وئي. روشن کي هن ماءُ جو پهريون پيار ڏنو. گڏي ۽ پپو ته هن گهر ۾ پوءِ آيا. روشن وڏو ٿيو ۽ ديپڪ پيٽ کي پٽيون ٻڌي روشن کي ڊاڪٽري پڙهائي.

سونهن ۾ کوٽ ڏسڻ ۾ نه اچي ان لاءِ ميڻا وچ ۾ پيسا ڪرائي سڀ پلاٽ ڪي ٻن ڀاڱن ۾ ورهائي ڇڏيو.

جيوتي مٿين خيالن ۾ ايڏي مگن هئي جو ڪيڏي مهل سنجها ٿي وئي ۽ اونده اچي ڪمري تي قبضو ڪيو هن کي خبر ئي نه پئي. جڏهن ديپڪ ٿورو ڪنجهيو ته هن کي سڌ پئي. ٻتي ٻاري هن ديپڪ کي پلنگ تي وهاڻن جو سهارو ڏيئي ويهاريو ۽ پوءِ سنجها ڪرڻ جي تياري ڪرڻ لڳي.

پوڄا ۾ اڃان ويٺي مس ته سندس ٽن سالن جي ڌيءَ ننڍان پٺيءَ تي جهومندي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي چيس "ممي، ڏياريءَ لاءِ ڪپڙا ۽ ڦٽاڪا وٺڻ ڪڏهن هلنداسين؟ ڏس نه چاچيءَ مانٽوءَ کي ڪيترا ڦٽاڪا ۽ نوان ڪپڙا وٺي ڏنا آهن؟"

جيوتيءَ جي اکين ۾ پاڻي تري آيو. ٻارن کي ڪهڙي خبر ته ڏياري صرف پئسي وارن لاءِ آهي. بنا پئسي ڪجهه به نه ملندو. پاڻيءَ وانگر ديپڪ جي بيماريءَ تي خرچ ڪرڻ کان پوءِ به هو اڄ به بستري داخل آهي. ڏياريءَ جي خوشيءَ جي اميد يا آشا جيوتيءَ ۾ بلڪل ڪونهي. پر ٻار ته وري به ٻار آهن انهن کي ڪيئن سمجهائجي؟ سندس ڏير ڏيراڻيءَ جو رخ ته هن ڏانهن رکو ٿي ويو آهي. روشن صرف هڪ ٻه دفعا اچي پاڻ کي ڏسي ويو آهي. جيوتيءَ به ٿي

نه ڪيئن ڪم ٿيو ويو پر پئي ڏينهن کان هوء روشن جا ڪن ڪائڻ لڳي. هن جا ڪن، من ٿپائـــي ڏنائين، ڇي ”هن گهر ۾ هڪ منٽ به رهڻ مشڪل آهي نـــه پرنگه جي جاء نه صوفا. آخر اَسان کي اوچي سوسائٽيء ۾ اُٿڻو وهڻو آهي، ڪير اچي ته وهارجي ڪٿي؟“

روز روز جي ڪل ڪان تنـــگ اچـــي روشن پڇيس ته ”آخر ڪرڻ ڇا گهرجي؟“ تـــه مينا پنهنجي اِڇا ظاهر ڪندي چيو ”اسان الڳ ماڊرن بنـگلو ناهي رهنداسين ۽ اُن کي خوب سينـگارينداسين. اسان پئـي هيڏو ڪمايون ٿا. سماج ۾ اسان جـي ريپوٽيشن آهي. هيئن ڪم ڪيترا ڏينهن هلندو؟“

روز گهر جي شانتي بـگڙندي ڏسي آخر ديپڪ به هن کـي الڳ رهڻ جـي صلاح ڏيندي چيو ”روشن جيڪر مينا چاهي ٿي ته پلي الڳ بنـگلو ٺهرائـــي. مون ۾ ته ايڏي سمرٿي ڪونهي پـر اسان کو دليـن سان جدا ٿوروئي ٿا ٿيون؟ پئسو تـه ڪمائجي ٿـي سگهه وٺڻ لاء ٿو پوء تون چون ٿو سگهه پوڄين؟“

جاء ته پيءُ جي هئي جنهن تي پنهين جو حق هئو. اَن جاء ڊهرائي مينا ماڊرن بنـــگلو ٺهرايو ۽ اَن جـــاء پراڻي روپ ۾ ٿـي رهـي جنهن جـــي حالت ڏينهون ڏينهن خراب ٿيندي پئـي وئـــي. ماڊرن بنگلي جـــي

ڦٽاڪن جي ڇپيٽ ۾ اچي پاڻ کي نه بچائي سگهي ۽
بيهوش ٿي ڪري پئي.

اچان اهو حادثو ٿيو ٿي پئي ته اندران روشن ۽ مينا موٽو موٽو ڪندا پهچندا پئي آيا. هنن جيوتيءَ کي مانٽوءَ کي بچائيندو ۽ خود زخمي ٿيندو ڏٺو هو. روشن ڏٺو هو. روشن ڏٺو ته جيوتيءَ جي هڪ ٻانهن ڪافي سڙي چڪي آهي ۽ سرير تي به ڪافي سيڪ آيا اٿس جو ڦٽاڪن ٻري ٿائين به هن جي پٺ نه ڇڏي هئي.

روشن ۽ مينا نه ڪئي هر نه ٿر. نوڪر کي ٻنهي گهرن جي سنڀال جو ضمو ڏئي، ڪار ۾ جيوتيءَ کي وٺي اسپتال ۾ روانا ٿي ويا. هڪ ته ڏياري ٻيو رات جو وقت. ڊاڪٽر ته ڏڻ ملهائڻ جي موج ۾ هئا پر روشن جا حوصلا خطا هئا. ڀڄ ڊوڙ ڪري ڊاڪٽرن کي هٿ ڪيائين. جيوتيءَ کي آڪسيجن چاڙهي وئي، ڦٽن تي مرهم لڳايو ويو پر هوءَ هوش ۾ ڪونه آئي. روشن ۽ مينا هن جي اهڙي حالت جو ذميدار پاڻ کي پيا سمجهن. روشن ايشور کي ليلائي ونتيون پيو ڪري "هي پريو مون اڄ تائين توکان ڪجهه نه گهريو آهي پر اڄ منهنجي ديوي سروپ ڀاڀائيءَ کي جيون دان ڏي جيئن مان پاڻ ڀاڀائيءَ جي شيوا ڪري جنهن

دفعا نيزاريون ڪندي چيس ته "تون ڊاڪٽر آهين پاڻ کي ٺيڪ ڪري تو سگهين."

پر هو اهو چئي پاسيرو ٿي ويو ته "ٻنهنجن جي دوا نه لڳندي آهي، هاڻ چئو ته سٺا ڊاڪٽر ٻڌايانءِ." اهو جواب ٻڌي جيوتيءَ کي چوڻ لاءِ ڪجهه نه رهيو آهي. سٺن ڊاڪٽرن جو مطلب آهي وڏي فِي ۽ مهانگيون دوائون.

اڄ ڏياري آهي، روشن جي اڏ ٻاٻ نگهه روشنيءَ سان جڳمڳائي رهي آهي. ميئنا سلڪ جي تمام چمڪيلي ۽ مهانگي ساڙهي پاتي آهي. ڳهه ڳٺا پائي خوشيءَ ۾ نٿي ماپي. پاڻ ڏيئا وچي ٿي روشن ڪندي.

هوڏانهن ٻلٻ نگهه جو اڏ پاسو اونداهيءَ ۾ غرق لڳو پيو آهي. ديپڪ جي ٻارن اڄين ڏياريءَ وارن ڪپڙن کي ئي من ماري پاتو آهي. جيوتيءَ جي من تي خوشي نه آهي نڪو هن نوان ڪپڙا ئي پاتا آهن.

هوڏانهن گڏي ڦٽاڪن جي موج ڏسڻ لاءِ ماءُ کي ساڙهيءَ جي پلؤ کان گهليندي ٻاهر ٿي اچي جتي مونٽو چٽڪائي تيلي ٻاري رهيو آهي. هرسان ڦٽاڪن جو ڍير رکيو آهي. چٽڪائي تيليءَ جون چٽگون هن ڍير کي باه لڳائي ڇڪيون آهن. جيوتيءَ گڏيءَ کي تڪو ڏيندي ٻري ڪيو ۽ پاڻ مونٽوءَ کي بچائيندي

هٿ رکي چيائين "ڏيندي مونکي معاف ڪندا."
جيوتيءَ چيو، "ڇاجي معافي ڇري آهين ڇا؟ مان ته بلڪل ٺيڪ آهيان."

هاڻي سڀ ڪار ۾ گهر آيا. جتي ديپڪ ٻه چنتا ۾ ليٽيو پيو هئو. روشن ديپڪ کي ڏياريءَ جون واڌايون ڏيندي ٻاڪر ۾ ڀري ٻاهر روشني ڏيکارڻ آيو جتي مونٽوءَ کي خوش ڏسي سڀني جي دل جا ڏيئا روشن ٿي ويا. هوڏانهن سڀ وڏا هڪ ٻئي جي سد ڀاونا جي ڪري خوشيءَ ۾ نه پيا ماپن. هيڏانهن ٻار سڀ گڏجي ڦٽاڪا ٻاريندي تاڙيون وڄائيندي مٺر سر ۾ ڳائي رهيا هئا:—

ڏياريءَ جو ڏيئو ڏنو
ننڍو وڏو چٽو مٺو —2

—o—

فرض کي پالجي ويو هوس اهو فرض پاڙيان. پاپيءَ
پنهنجي جان جوکم ۾ وجهي منهنجي گهر جو چراغ
روشن ڪيو آهي مان به پنهنجي پاڻ جي گهر جي
روشني وسامڻ نه ڏيندس." هو زور زور سان روئڻ
لڳو.

انهن ڳالهين کان پوءِ جيوتيءَ کي هوش آيو ته
هن جي وات مان اهي ئي شبد نڪتا "مونئو،
پٽ مونئو."

روشن پاجائيءَ کي آٿت ڏيندي چيو، "پاپي
مونئو بلڪل ٺيڪ آهي. ها توهان به دهشت جي
ڪري بيهوش ٿي ويا هئا ۽ مونئوءَ کي بچائيندي
ٻانهن ساڙي ويٺا."

جيوتيءَ چيو، "مونکي ڇڏ، ٻڌاءِ مونئوءَ کي ته
ڪجهه ڪونه ٿيو؟"

"نه پاپي مونئوءَ کي ته توهان بلڪل بچائي
ورتو."

جيوتي – "سچ!"

روشن – "سچ! پاپي وشواس ڪيو."

جيوتيءَ ڏٺو ته ممتا جي اکين ۾ پڇتاءَ جا آنسو
هئا. جيوتيءَ کي هوش ۾ ڏسي هوءَ هن سان چنبڙي
پئي ۽ اوڇنگارون ڏيئي روئڻ لڳي. پوءِ پهرين ته

جهڙي رواجي ڇوڪري جيڪا ڏهون درجو پاس هئي ۽ رنگ روپ به خاص ڪونه هوس پر سندس پيءُ 50 هزار ڏاج ۾ ڏيڻ قبوليو بس اُن لالچ ۾ نريش وڪامي ويو. نريش بي.اي پاس هو ۽ ڪنهن انگريزي فرم ۾ سٺي عهدي تي هئو. هو ڏسڻ ۾ فلمي ائڪٽر کان گهٽ نه هو پر نرملا جهڙي رواجي ڇوڪريءَ کي پائي هن جا سڀ سپنا چور چور ٿي ويا هئا. هو نرملا کي پنهنجي اوچي سوسائٽيءَ ۾، پارٽين ۽ جلسن ۾ گڏ وٺي وڃڻ جي لائق نه سمجهندو هو. هوُ چاهيندو هو سندس زال هجي ها ڪا هيروئڻ جيڪا سوسائٽيءَ ۾ سهڻي سنهيري هن سان گهمي ڦري ها ۽ وري پنجاه هزار به ته هن کي ڳهڻ، ڪپڙن ۽ گهريلو سامان جي روپ ۾ مليا هئا. نريش جي هٿ ڪيش ڪڇ نه آيو هو. اُن جو ساڙ به هن جي من ۾ هو. نرملا جي سس ته تمام لالچڻ هئي. هر وقت چاهيندي هئي ته پيڪن مان هوءَ وڏي رقم آڻي ته هن گهر جو سڌارو ٿئي. جو نريش جي پگهار ئي هڪ آمدنيءَ جو ذريعو هو، جيڪو اڄ جي مهانگائيءَ ۾ گهٽ هو. شروع ۾ نريش وٽ اسڪوٽر به نه هو تڏهن نريش ۽ ماڻس نرملا جي پيئان هٿ ڌوئي پيا ته هوءَ پاڻس کان ڏهه هزار وٺي اچي جو نريش کي آفيس يا ڪنهن ٻئي هنڌ به وڃڻ ۾ ڏکيائي

نئين راه

جڏهن هن جي اک کلي هن پاڻ کي اڻڄاڻ جاءِ تي ليٽيل ڏٺو. عجب مان هن آس پاس نهاريو. هن جي پلنگ جي ڀرسان هڪ پيرسن ڏاڍي خوشيءَ ڀري اکين سان هن ڏانهن نهاري مشڪرائي رهيو هئو. نرملا عجب وچان پڇڻ چاهيو، "مان ڪٿي آهيان؟" پيرسن هن جي اکين جي سوال مان سمجهي جواب ڏنو "پٽ تون منهنجي گهر ۾ آهين." "توهان جي گهر ۾ ... . توهان ڪير آهيو؟" "تون ياد ڪر، تون ڪٿي هئينءَ؟"

نرملا نراڙ تي آڱريون ڦيرائي ڪجهه ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي. اکيون ٻوٽڻ تي هن کي سئنيما جي ريل جيان گذريل زندگيءَ جو سڀو سين ياد اچي ويو. نرملا صبوح جو 5 بجي کان رات يارهين بجي تائين گهاڻيءَ جي ڍڳي وانگر پنهنجي گهر پنهنجي سس سهري جي شيوا ۾ ڳهندي هئي. نرملا جي شادي چار سال اڳ نريش سان سندس ماءُ پيءُ جي مرضيءَ سان ٿي هئي. ڏيتي ليتيءَ جي لالچ ۾ نريش جي ماءُ نرملا

جيان ٻاٽ پڙهائيندو هو. پهرين ته هو نرملا تي صرف گارين جا وسڪارا ئي ڪندو هو پر هاڻي ته ڪلاڪلا هن تي ٿڦڙن، مڪن جو وسڪارو ڪرڻ لڳو. وقتي وار ٻڪڙي ڇڪي وٺي لوڏا ڏيندو هوس. اهو نظارو نريش جي ماءُ خوشيءَ سان وٺي ڏسندي هئي ۽ نرملا جو سهرو ته جڻ گهر ۾ هئو ئي ڪين، جوءِ جو غلام گهر ۾ غلام ٿيو پيو هلندو هو.

نرملا هڪ ڏينهن تنگ ٿي سس کي چيو، "ممي، توهان هن کي سمجهايو ته روز پيئڻ ڪانڻ ٺيڪ نه آهي، هن جي دوستي به ٺيڪ نه آهي سڀ پيڪڙ ٿا لڳن جيڪر توهان ظابطو نه ڪيو ته اسان جو گهر ئي برباد ٿي ويندو."

ان تي سسڻس هٿ نچائي چيو "ڇئين ڇا ٿي؟ منهنجو پٽ لکن ۾ هڪ آهي مڙد ئي شوق نه ڪندا ته ڇا سڀ جو قسم ڪٽي ويهي رهندا؟ شراب ۽ دوستي ته اڄ ڪلهه فيشن آهي. جوانيءَ ۾ اهي شوق نه ڪندو ته ڪڏهن ٻڍاپي ۾ ڪندو؟ ڏس نه وڏن ماڻهن جي پٽن سان تڏهن ڪان دوستي ٿي اٿس. ڪارڻ وارن سان پوءِ اهڙو سنگ سٺو ٿيو يا خراب! اهڙو سنگ ڇڏي ڏئي ڇا؟"

پوءِ ان ڏينهن نريش کي ماءُ اهڙو ٻرغلايو جو

ٿي ٿئي. خير اِن ڏکيائيءَ کي نرملا به محسوس ڪيو.

نرملا کي روز گهٽ وڌ ڳاريون مڙس ۽ سس جون ڪاٽيون پونديون هيون. اهو قصو ڏينهون ڏينهن ويو وڌندو. تڏهن دکي ٿي هن روئي پنهنجي پيءُ کان ڏهه هزار گهريا. پاڻس به پيڻ جي صدقي ڏئي ڇڏيا جيئن پيٽس کي ساهرا تڪليف نه ڏينس. پر اهو قصو هر سال دهرايو ويندو هو. ٻئي سال گرمين ۾ فرج جي ضرورت محسوس ڪئي وئي. هو ڏينهن نريش پنهنجي دوستن جي محفل گهر ۾ لڳائيندو هو. پهرين ته چانهه پارٽي ٿيندي هئي پر هاڻي ته پيگ هلندا هئا. نرملا کي ڇنڇر آرتوار هفتي ۾ ٻه ڏينهن ته انڊا او ٻاري تيار رکڻا پوندا هئا ۽ قيمو يا ڪڪڙن جا پڪوڙا تري نريش جي دوستن جي آجيان ڪرڻي پوندي هئي. اها صحبت اهڙي ڪسنگ ۾ مٽجي وئي جو نريش شراب جو غلام ٿي ويو. هاڻي ته هن جي پگهار اڌ کان وڌيڪ شراب قباب ۾ اڏڻ لڳي. نريش هٿ تنگ محسوس ڪرڻ لڳو.

گرمين ۾ ته شراب لاءِ برف ضروري آهي جيڪا هو بزار مان گهرائي بيزار ٿي پيو پوءِ فرج لاءِ نرملا کي پيڪن مان پئسا يا فرج جو گفٽ وٺڻ جو طوطي

جڏ باب هن کان موڪلائي پري هليا ويا. هڪ مهيني جنتر وانگر صبوح کان شام بس ڪم ئي ڪم. پنهنجي لاءِ سوچڻ جي هن کي فرصت ئي ڪٿي هئي؟ ۽ هاڻي وري ڪمري لاءِ ڏهن هزارن جي گهر تي هن تي روز ظلم ٿيندا هئا. هاڻي صبوح کان رات تائين مار ڪُٽ ۽ نرملا جو روڄ نه هلندو هئو پر هن دفعي هن سوچي ڇڏيو هو ته هوءَ پاڻ کان هاڻي ڪجهه نه وٺندي جو هن کي به 5 پٽر هئون. پنهنجن پٽرن ۾ هڪ پاڻ شامل اٿس جو سيني جا ننگ ويٺو نپائي. جڏهن ڪ نريش کي هڪ به پٽڻ ڪونه هئي نه ته شايد هڪ جا ننگ به نه نپائي سگهي ها.

سو اُن ڏينهن نرملا رات تمام دير سان سمهي. دير سان سمهڻ ڪري صبوح جو اُٿڻ ۾ دير ٿي ويس نرملا جي سس ته ڪڪ ڪٽي پيٽو ڪونه ڪندي هئي بس نرملا تي حڪم هلائڻ ۽ هن جي ڪمن مان وڏون ڪڍڻ جو ڪم ئي هئو هن جو. نيرن ناهڻ کان پوءِ روٽي ٽبل تي پهچڻ ۾ ڏهن پندرهن منٽن جي دير ٿي وڃڻ تي نريش اهڙو اچي ڪاوڙيو جو روٽيءَ جي ٿالهي زور سان اُڇلي نرملا کي گاريون ڏيندو چوڻ لڳو ”بس هاڻي روٽي به وڃي هوٽل تي کائڻي پوندي. اڻ پڙهيل ضمر به اٺين تـه 9.40 تـا ٿين ۽ مونکي

نريش آپي کان ٻاهر ٿي ويو ۽ نرملا تي ٿابڙ ٿوبڙ
مڪون، ٺڪرون، ڏڪ هڻي هن کي اڌ مئو ڪري
ڇڏيائين.

پر نرملا الائي ڪهڙي مٽيءَ جي ٺهيل هئي. رات
جو ڇا ٿيو سڀ وساري صبوح جو وري ٽنهين جي
شيوا ۾ لڳي ويندي هئي. چانهه ڏيڻ کان پوءِ نيرن
تيار ڪندي هئي. سڀني کي نيرن ڪرائي برتڻ صاف
ڪري وري منجهند جي تياريءَ ۾ لڳي ويندي هئي
جو نريش ساڍي نون ٻجي روٽي اُڃو پوءِ کائي
ويندو هو.

روز روز جي مار کان ٻچڻ لاءِ نرملا جي پيءُ فرج
ڏيڻ به قبوليو ۽ دهليءَ مان پارسل ڪرائي موڪلي
ڇڏيائين. خير نرملا سامت جو ساهه کنيو ته هاڻي ڪٽش
وڙهڻ جي نوبت نه ايندي. پر ڪجهه ڏينهن ۾ ٿي نرملا
جي سس هڪ ٻيو رينگٽ لڳائي ڏنو ته گهر ۾ ٻه
ڪمرا گهٽ ٿا ٿين ٽيون ڪمرو ٺهرايو. پر اُن لاءِ پئسو
ڪٿي؟ پئسو عيش کي گهٽائي جمع نه ڪري نرملا کي
آڻڻو هو. نرملا روز مارون کائڻ لڳي. هن پنهنجو
سو پمان، آتم سنمان، عزت ۽ جذبات کي جڻ تاڪ تي
رکي ڇڏيو هو ۽ هاڻي جڻ هلندڙ چلندڙ لاش ٿي
پئي هلندي هئي. هن جي من جا سپنا، تمنائون ۽

ٽون روٽي تيار ڪري رکج."

هونئن به نرملا کي اُنهن ٻنهي جو ته ڪو سهارو نه هو. اڄ هن جو آتم سنمان هن کــي ڌڪارڻ لڳو، "جيڪو ٿورو به سوِ پمان اٿئي تـه نريش کــي وري شڪل نه ڏيکارج." نريش جا اکر هن جــي ڪنن ۾ گونجڻ لڳا. نرملا جو من نريش ۽ هن گهر تــان کڄي ويٺو. هيڏي غلامي ڪندي به ڪنهن کي خوش نـه رکي سگهيس. نرملا توکي هيڏي نرڏئي کان ته مرڻ بهتر آهي ۽ اهو نشچو گهڙيءَ جي سيــن جــي اڳيان وڌڻ سان گڏ و گڏ هيــڪاري پڪو ٿيندو ٿي ويو.

پوڻا ڇهه هن گهڙي ڏني جهڙن ڪپڙن ۾ هئــي چپل پائي هن گهر کي تالو لڳايو. پاڙي واريءَ کي چابي ڏني هوءَ تکڙن قدمن سان تيز هلندي رهــي هلندي رهي. هو غصي ڀريون لعل لعل اکيون جــڻ هــن کي پٺيان اڳنديون ڏسڻ ۾ پئي آيون جن کــان هــوءَ پري ٿي وڃڻ جي ڪوشش ۾ هاڻي جڻ ڊوڙ پائــڻ لڳي. هن کي هوش نه هو. هن جا قدم نديءَ طرف وڌڻ لڳا. ڪلاڪ ڏيڍ پوڻ کان پوءِ هوءَ نديءَ جــي ڪناري پهچي وئي. شام جو اندڪار دنيا تــي غالب ٿيندو ٿي آيــو. ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو هواخوريءَ لاءِ جيڪي آيا هئا سي به موٽيا ٿي. نرملا نويڪلو ڪنارو ڏسي ٿو ڪٺي نديءَ ۾ ٽپ ڏنو.

9.30 پهچڻو پوندو آهي. تون نوڪري ڪرڻ کان تہ عقل بہ وڃائي هئا تہ وقت جو ڪهڙو ملهہ آهي؟ منهنجي ڪرمن ۾ بہ تو جهڙي جاهل ئي پوڻي هئي. مان تو ڇوان ڪٿي ڊڦن ڇو نہ ٿي ٽين؟ هيءَ منحوس شڪل وري شام جو مان نہ ڏسان ڪٿي اوڙاهہ ۾ وڃي پئي." اِئين چوندو آفيس جو فائيل کڻي نريش هلي ويو هو.

نرملا ڏٺو تہ نريش اڄ ٻنا مار ڏني آفيس هليو ويو آهي. هاڻي لڳا ڪسر شام جو اچي فرصت ۾ ڏيندو ڇو جو جڏهن بہ اِئين ٿيو آهي تڏهن نريش همت ڪئي آهي نہ تہ شام جو مار ڪٽ مچائي آهي. اهو سوچي نرملا پٽ جو سهارو وٺي پٽ تي ويهي رهي. هن جي بدن ۾ ڄڻ جان ئي نہ هئي. ڳوڙها خشڪ ٿي ويا هئا. سس سهرو روٽي کائي وڃي آرامي ٿيا پر نرملا نہ روٽي کاڌي نہ ڪنهن پڇيس. وقت ڀلا ڪنهن جي لاءِ ترسيو آهي؟ گهڙيءَ جون سيون وڌنديون ڪسڪنديون ۽ جيئن جيئن شام جو وقت ڀرسان ايندو ٿي ويو تيئن تيئن نرملا جون واهون بيتال ٿينديون ٿي ويون تان جو اچي شام جا پنج لڳا. نريش ڇهين ٻجي ايندو هو. نرملا جو سس سهرو تيار ٿي اهو چئي هليا ويا تہ "اسين تلساڻيءَ جي گهر ڪلاڪ بہ ٽي تہ اچون

ٻڌائي پنهنجو من هلڪو محسوس ڪرڻ لڳي.

پيرس سمجهائيندي چيس ”پٽ مرڻ ڪنهن مسئلا جو سماڌان نه آهي مڙس تي انهن مشڪلاتن کي منهن ڏيڻ ئي انسان جو فرض آهي. اڄ اَسي فـــي صدي زالون نرڳه جو جيون گذاري رهيون آهن پر هيئنر وقت آهي انهن جي جاڳڻ جو. استري ۽ پرش گاڏيءَ جا ٻه ڦيٿا آهن جيڪي برابر آهن پوءِ استريون ئي انياءُ ڇو سهن؟ انياءُ سهڻ وارو انياءُ ڪرڻ واري کان وڌيڪ ڏوهي آهي. ان جو هڪ ئي اپاءُ آهي ته ناريون پنهنجي پيرن تي بيهي پنهنجي آتم سنمان کي برقرار رکن ۽ نرلش جهڙن مردن کي سبق سيکارين ۽ انهن جي غلام رهڻ کان سواولمبي (آتم نربر) جيون گذارڻ جو پرڻ ڪن ۽ جيڪر اهڙا مڙد وري به نه سڌرن ته انهن کـــان الڳ رهي زندگيءَ کي سرڳ بڻائي فخر سان جيئڻ سکن.“

نرملا ”بابا، جڏهن توهان مونکي پـٽ چيو آهي ته ان حساب سان توهان به منهنجا پتا ٿيا. مان توهـان جي ڳالهين سان سهمت آهيان.“

پيرس، ”ته پوءِ پٽ ڇا تو واپس نرلش وٽ وڃڻ جو فيصلو ڪيو آهي؟“

نرملا ”نه، نه بابا هرگز نه. مان وري هن نرڳـــه ۾ وڃڻ جي ته ڪلپنا به نٿي ڪري سگهان.“

اِتفاق سان ٽپ ڏيڻ تي ڇپاڪ جو آواز هڪ موٽندڙ پيرسن ٻڌو پنهنجي ٿنڌلي اکين سان هن ڏٺو ڪير ٻڏو ضرور آهي. هن واڪا ڪيا بچايو بچايو. ايشور جي مهر جو واچمين اتي ڀرسان ئي ويٺو هو تنهن اچي جلد نرملا کي پاڻيءَ مان ڪڍيو پر نرملا جي مٿي تي پٿر جي ڇهنب گهري گهري وڃي هئي جنهن ڪري رت وهڻ لڳس ۽ هوءَ بيهوش ٿي وئي. واچمين نرملا کي پيرسن سان گڏ سمجهي هن کي پيرسن جي گهر پهچائڻ جي ذهمت ڪئي. ڊاڪٽر کي گهرائي پيرسن نرملا جي جانچ ڪرائي پٽي ڪرائي.

ڊاڪٽر چيو، "ڊپ جي ڪا ڳالهه نه آهي." نرملا گهري گهاو جي ڪري 24 ڪلاڪ بيهوش رهي ۽ هيئنر هن جون اکيون کليون هيون. اڳين آڏائن کي ياد ڪري نرملا جي اکين مان زار زار ڳوڙها وهڻ لڳا. هوءَ هٿن ۾ منهن لڪائي زور سان روئڻ لڳي. تڏهن پيرسن هن کي تسلا ڏيندي چيو، "پر تون آتم گهات لاءِ ڇو تيار ٿيئن؟ ڇا تنهنجي ڪا مجبوري هئي؟" نرملا چپ. "تون مونکي پنهنجو پيءُ سمجهي ٻڌاءِ." ڪافي وقت کان پوءِ جڏهن نرملا سامت ۾ آئي ته پيرسن کي پنهنجي گذريل زندگيءَ جي ڪهاڻي

ڌيءُ وڇڙيل ماءُ کي گھڻي وقت کان پوءِ گڏي ھجي .
نرملا ”بابا، او منهنجا بابل.“

پيرسن ”پٽڙا منهنجا نرمل پٽڙا“ ۽ پيرسن نرملا جي وارن تي سنيهه پيو هٿ ڦيرڻ لڳو .

اڄ کان هنن جي نئين راهه شروع ٿي ھئي.

—०ஃ—

پيرسن "ڀلا پٽ تون گھڻو پڙھيل آھين؟"
نرملا "بابا مان صرف ڏھون پاس آھيان."

پيرسن "پٽ تون فڪر نہ ڪر. ضروري نہ آھي تہ سڀ استريون آفيس ۾ وڃي نوڪري ڪن تون گھريلو اُديوگ ڌنڌو شروع ڪري پنھنجو جيون پالڻ ڪري ٿي سگھين ۽ پنھنجي پيرن تي اڀي ٿي سگھين."

نرملا "ھا، بابا مان پاپڙ، ڪيچا، ڪچريون چپس ڪري چاٽان ھونڪي ٺاھڻو سا س، جيم ۽ طرح طرح جا مربا ۽ آچار ٺاھڻ بہ ايندا آھن."

پيرسن "ھا پٽ تون گھر ۾ گھريلو ڌنڌي ڇڪي رکي اُن ۾ مرچ مسالا پيھين پئڪ ڪري ڏيندينءَ تہ مان دڪانن تي سپلاء ڪري ايندس. مان پنھنجي قوت آھر توکي مالي ۽ جنسي مدد ڪندس تون دل ننڍي نہ ڪر منھنجا پٽ."

نرملا جو سو يمان اڄ جاڳي اٿيو. اڄ ھن جي نئين زندگيءَ جي شروعات ھئي ۽ ھن جو گرو ھو ھن جو اڻ سڃاتل پتا.

نرملا جي اکين ۾ پريم جا ڳوڙھا تري آيا. سنڀھہ وس ھوءَ پيرسن سان اِئين چنبڙي گڏي جيئن ڪا

زسٽي ۾ ايندي وقت هن گيتا کي چيو، "ڇو گيتا
ڄ راجو اسڪول ڪونہ ويو آهي ڇا؟"
گيتا سهڄ سڀاءَ چيو، "ها، ها، هو تہ اسڪول
و آهي."

نيتا چيو، "پر مون تہ بزار ۾ هن کي پاڙي جي
ئيڪل تي گهمندو پنهنجي اکين سان ڏٺو آهي."
گيتا کلي چيو، "نہ نہ تون ڀلي هوندينءَ راجو تہ
ڪول ويو آهي." خير گيتا گهر هلي آئي.
شام جو نيتا گيتا جي گهر آئي تہ راجو گهر ۾ ئي
. نيتا گيتا کان پڇيو "تہ تو راجوءَ کان پڇيو
هو اسڪول ويو هئو يا نہ؟"
گيتا ڏڍهن راجوءَ کي سڏ ڪندي پڇيو، "راجو
اڄ اسڪول ويو هئين يا نہ؟"
راجو ان سوال جو جواب ڏئي تہ ٻيو سوال
، "نيتا آنٽي چوي ٿي تہ تو بزار ۾ سائيڪل
هلائي؟"
راجوءَ جو منهن ڦڪ ٿي ويو همٿ ڪري چيائين،
ٿي مان تہ اسڪول ويو هوس."
ان تي گيتا کلي ڪري چيو، "مون چيو ڪونہ
نجو راجو اهڙو ڪوڙهي جو اسڪول گسائي. ضرور
غلط فهمي ٿي ٿيئي، نيتا جون تہ پہ نہ وڃون،

انڌي ممتا

گهر جو ڪم ڪار لاهي گيتا تيار ٿي ويٺي. هفتي ۾ هڪ ٻه دفعو گيتا ۽ نيتا گڏجي خريداري ڪرڻ نڪرنديون آهن. گهر جو راشن پاڻي، ڀاڄي ڀتي ڪٿي وڏي خريد ڪري ڪلاڪ ٻن ۾ واپس اچي گهر سڪي ٿينديون آهن.

ٻئي پاڙيسري آهن پر پريم سڳين ڀينرن کان به گهٽو. ٻنهي جا گهر وارا گوپال ۽ ڳڻيش به هڪ ٻئي جا جگري دوست آهن. روز هڪ ڦيرو هڪ ٻئي وٽ نه ڪن ته ماني ئي هضم نه ٿئين.

ٻئي ڏينهن نيتا جي گهر مهمان اچڻ وڃڻ ڪري هن کي وري بزار وڃي ڏهي، ڀاڄيون، ڦل وٺي اچڻ پيا.

هن پري کان ڏٺو ته گيتا جو پٽ راجو پاڙي جي سائيڪل تي گهمي رهيو آهي. هن کي عجب لڳو جو اسڪول ڪليل هئا، اڄ موڪل به ڪونه هئي پوءِ راجو ڪيئن پيو مٽرگشتي ڪري؟

مان ڪپڙا مٽائي اچهو ته آهس." گيتا ڪم ۾ مشغول هئي. گڻيش چيس، "ڪيو خبر پائي ڪهڙو حال آهي؟"

گيتا جواب ڏنو، "ٺيڪ آهي."

هيڏانهن هوڏانهن نهاري گڻيش چيو، "پاپي! راڄو ڏسڻ ۾ نٿو اچي؟ هونئن ته شام جو اسڪول جا ڪم پيو ڪندو آهي؟"

گيتا چيو، "هو ته دوست وٽ پڙهڻ ويو آهي اتي ئي اسڪول جا ڪم به ڪري ايندو. مونکي ڪم مان فرصت ڪونهي ۽ پڙهس به ٿڪي ٿو اچي. پاڻ سنو جهنجهٽ اتي ئي ختم ڪري ايندو."

گڻيش دل ۾ چيو ته چوانس ٿو ته برابر اسڪول جا ڪم وڃي ڪري توهان جو پٽ پر وري اهو سوچي ته گيتا وشواس نه ڪري ڪڇ جو ڪڇ چئي نه ڏئي ۽ منهنجي من ۾ به دڪ ٿي پوي ان ڪري چپ رهيو ۽ گوپال سان گڏ نڪري ويو.

اڃان هفتو ڪن ئي ڪونه گذريو ته ٻڌڻ ۾ آيو ته راڄو گهر مان لاڳي ويو آهي.

نيتا ۽ گڻيش به ٻڌو پر ٻڌي اڻٻڌي ڪري ڇڏي. نيتا ته همدرديءَ لاءِ به گيتا وٽ وڃڻ لاءِ تيار نه هئي پر گڻيش هن کي پاڙيسريءَ جو فرض

ڇهه به ويون. راجو کهڙيءَ نه صفائيءَ سان ڪوڙ ڳالهائي رهيو هو ۽ ماڻس هن تي وشواس ڪري رهي هئي. شايد هن کي نيتا کان وڌيڪ وشواس راجوءَ تي هو.

خير نيتا جو من خراب ٿي پيو. هوءَ اٿي کڙي ٿي ۽ گهر هلي آئي.

گهر اچي هن گڻيش کي ٻڌايو ته ڪيئن راجو اسڪول ڪونه ويو ۽ ماڻس هن جي ڳالهه تي وشواس نه ڪيو.

گڻيش کي ٻڌي غصو اچي ويو. چيائين، ”مان تو چوان ٿون ٻن جي ڳالهين ۾ دست‌اندازي ڇو ٿي ڪريان؟ نه ويو ته نه ويو ممتا ته انڌي ٿيندي آهي. ڪنهن به ماءُ کي پنهنجي ٻار ۾ ڪو کوٽ نظر نه ايندو آهي.

ٻئي ڇوٿين ڏينهن گڻيش آفيس مان موٽندي راجوءَ کي سئنيما جي کڙڪيءَ تي ٽڪيٽ جي لائين ۾ بيٺي ڏٺو. هٿ ڪنگڻ کي آرسي ڇا؟ هن جو شڪ مضبوط ٿي ويو. گهر اچي چانهه پي هو سير ڪرڻ نڪتو ته گوپال کي به سڏ ڪيائين. صبوح شام ٽهلڻ تندرستيءَ لاءِ مناسب آهي ۽ گهڻو ڪري ٻئي گڏ نڪرندا هئا. گوپال چيس، ”ٻڌ!

ٻئي هڪ ٻئي تي ڏوهه مڙهڻ لڳا. گڻيش ٻنهي کي شانت ڪندي چيو، "هاڻي توهان شانت ٿيو ته هن کي ڪو ڳولهڻ جو ٻلو ڪجي."

گوپال ته هٿ مٿي کي ڏئي ويهي رهيو. چيائين "مونکي ته ڪجهه سمجهه ۾ ئي نٿو اچي."

گڻيش چيس، "هاڻي مڙسي ڪيو. هلو ته ڀيرن راجوءَ جي دوستن وٽ ٿا هلون جن وٽ هو اڪثر ويندو هئو."

ٻئي اسڪوٽر تي چڙهي ڪافي دوستن وٽ ويا پر سڀني چيو ته راجو اڄ ڏينهن کان اسان وٽ ڪونه آيو آهي ۽ اسڪول جي اُنهن ساٿين ٻڌائين ته راجو ته عرصي کان اسڪول ۾ ڪونه ويندو هئو. اِهو ٻڌي هو اِسڪول پهتا. خبر پين ته راجوءَ جو نالو اسڪول مان ڪٽجي چڪو آهي ۽ مهيني کن کان هو اِسڪول ڪونه آيو آهي. نڪو ئي پنهنجي في ڀري اٿائين."

اِهو ٻڌي ته گوپال جڻ آسمان تان ڪريو. هن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيو. هو هر مهيني في ٻه راجو کي ڏئي ڀرائيندا هئا. رسيد وٺي رکڻ اهڙو به هنن وٽ وقت نه هئو. اسڪول جو هوم ورڪ ۽ ڪلاس ورڪ به ڪري ٿو يا نه. ان جي چڪاس ٻه ماهه ٻيءَ کي ڪرڻ جڳائي پر ٻنهي زال مڙس لاهيءَ جي

نياڻڻ لاءِ نئي هاڻ جي لاءِ تيار ڪيو.

جڏهن هُوءِ گوپال جي گهر پهتا تہ مرڻ متو پيو هو. ڪافي ماڻهو همدرديءَ لاءِ ڪٺا ٿيا هئا ۽ گيتا روئي روئي اڌ مئي ٿي وئي هئي.

نيتا کي ڏسي تہ هن کي ڇنڊڙي پئي ۽ هيڪاري اوچنگارون ڏيئي روئڻ لڳي ۽ چوڻ لڳي، "نيتا، جنهن ڏينهن تو چيو هو اُنهيءَ ڏينهن ئي مان اڪتي پٽيان ها تہ هيءُ ڏينهن نہ ڏسڻو پوي ها."

گوپال - "تہ ڇا نيتا کي خبر هئي؟"

گڻيش نيتا واري ڳالهہ گوپال کي ٻڌائي تہ هو ڪروڌ ۾ ڀرجي ويو. چوڻ لڳو، "هن تہ مون سان ڪا ڳالهہ ئي ڪونہ ڪئي. اندي ممتا ۾ وڃڻ جي پٽ جي اوگڻن تي پڙدا پئي ڪيائين. گهڻي لاڏ پيار جو ئي اهو نتيجو آهي جو هو ايڏو بگڙي ويو. هن جي ايڏي همت ٿي جو ڀڄي ويو. پر بہ وڃي ڀي ٿي ۾ پوي اهڙي پٽ کي ڳولهي وري گهر مٿهن ڪٺي گهمندس؟"

اهي اکر ٻڌي تہ هيڪاري گيتا زور زور سان روئڻ لڳي، "ڏنو! ڏنو توهان پيءُ جي ڪنوز وهموار جي ڪري ئي منهنجو لال موٽي ڇڏي ويو هاي."

سالي ڪنهن سان؟

گڻيش ۽ نيتا نيم سان روز شام جو هنن جي شيوا ۽ همدرديءَ لاءِ ايندا هئا. آٿت ڏيندا هئا - ”پاپي توهان خيال نه ڪريو، ايشور تي ڀروسو ڪريو. راجو ضرور واپس ايندو.“

پر گيتا کي ته اجايا سجايا خيال اچي پاڳل بڻائي ڇڏيندا هئا - ”الائي منهنجو لال ڪهڙي حال ۾ هوندو. اڃايل، بکايل الائي ڪٿي ڀٽڪندو هوندو. الائي هن دنيا ۾ به آهي الائي نه؟“ اُنهن ڇتي روئڻ لڳندي هئي.

چنتا آهي چتا سمان. سڪيلڌو پٽ وڃي هلي ته اُن گهر جي حالت ڪهڙي ٿيندي.

گڻيش اڪثر آفيس جي ٽور سان احمدآباد ويندو هو. اُتي هو هڪ ننڍي ڍاٻي ۾ روٽي کائيندو هو. ڇو جو اُتي صفائي به ڪافي رهندي هئي، روٽي به تازي، گرم ۽ سستي ملندي هئي. هو روٽيءَ جو آرڊر ڏئي ويٺو مس ۽ پاڻيءَ جو گلاس چپن سان لڳايائين ٿي ته هن جي نظر پيءَ ٽيبل تي روٽي ڏيندي هڪ ڇوڪر تي پئي. هن جا ڪپڙا ڦاٽل، وار وکريل ۽ پيٽ ٿيب ۽ چهرو ڪومايل هو.

ضرورت ئي ڪونہ سمجھي.

راڄو روز ڪھڙن دوستن وٽ پڙھڻ تــو وڃي ، ڪٿي تو وڃي؟ پڙھي تو يا مٽر گشتي تـو ڪري ان جي سڌ بہ ٻنهي ڪونہ لڌي.

پر هاڻي تہ جھرڪيون سڄي ٻني ئي چگي چڪيون هيون. هاڻي ڪافي دير ٿي وئي هئي. هاڻي تہ صرف هڪ هٿيار ئي آخري هو ، ”پوليس ۾ رپورٽ ڪرائڻ.“ سا بہ ڪرائي وئي. اخبارن ۾ اشتهار بہ ڇپايا ويا پـر سڀ بيڪار. راڄو تہ ائين غائب هئو جيئن گڏھہ جي مٿي تان سنڱ.

گيتا تہ روئي روئي اکيون ڪڍي وڃايون ، بيمار ٿـي پئي. کٽ کٽي پڪڙ پائين. اولاد جي موھ جـي جڙي ڪا گھٽ آھي ڇا؟ جيئن ڪاٺ کي اندر ئـي اندر اُڏوهي کائيندي وڃي تہ بہ خبر ئي نــہ پوي. تيئن گيتا کي بہ اندر ئي اندر ڳڻتي وئي کائيندي.

پر هاڻي ڪجي بہ ڇا؟ جتي بــہ ڏس ملندو هون تہ اسان راڄوءَ جھڙو ڇوڪرو فلاڻي شهر ۾ ڏٺـو آھي تہ گوپال جھٽ گاڏيءَ ۾ چڙھي اُتـي وڃـي هن جي تلاش ڪندو هو.

پيءُ جو هردو ڪيڏو بہ ڪنور هجي پـر اولاد لاءِ تہ هو بہ مِٺو آھي. اندر ۾ تہ هو بہ ڳريو پئي پـر

گڻيش راڄوءَ کي سڏو گهر اچي ڇڏيو.

گيتا جو ته اندر ئي پيو ٻڙو ڏسي. ڄڻ نئون جنم ملي ويس.

گڻيش راڄوءَ کان پڇيو - "تون گهران ڀڄي ڇو وئين؟"

راڄو - "مان پاڻ ڪونه ويس، مون کي گونگا کڻي ويا هئا."

گڻيش - "پر جڏهن اُنهن توکي ڇڏي ڏنو ته تون گهر ڇو نه آئين؟ اُتي ٻئي جو ڪم پيو ڪرين، هتي ته تو ڪڏهن ماءُ پيءُ کي به هڪ گلاس پاڻيءَ جو ڀري ڪونه پياريو؟ نوڪر جو ڪم ڪندي توکي شرم نه آيو؟"

اِهي اکر ٻڌي گيتا جو پارو چڙهي ويو، انهي ممتا وري زور مارڻ لڳي. چي "ٻڙو ٻڙو ڇڏي توهان ته اسان کي لهي ڪرائڻ جي ڪوشش ٿا ڪيو. هڪ ته ڇوڪرو مصيبت ۾ ڦاسي پيو؛ توهان هن کي ڪڙو ڳالهائي وري گهر مان دل کڻي ٿا ڪرڻ چاهيو ڇا؟"

اِهو ٻڌي گڻيش کي لڳو ڄڻ ٻم هن جي مٿان ٿي ڦاٽو. هن ليتا کي هلڻ جو اِشارو ڪيو؛ ٻئي گهر کان

گوپال کي سمجهندي دير نه لڳي ته هو راجو ئي آهي. راجو بيخيالو هو ان ڪري گوپال وڌي وڃي راجوءَ جي ٻانهن پڪڙي.

گوپال کي ڏسندي ئي راجوءَ جي پيلي ڇهري تي هيڪاري هيبد هارجي وئي. هو ٻانهن سان پنهنجو منهن لڪائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪرڻ لڳو. ان تي هيڪاري گوپال جو شڪ پڪ ۾ بدلجي ويو. هن پڇيس، "تون راجو ئي آهين نه؟"

راجو ته ڪوڙ ۾ ماهر هو. چيائين - "نه مان ته رامو آهيان، ڀلي سيٺ کان پڇو."

گوپال سيٺ کان پڇيو، "سائين! هي ڇوڪر توهان وٽ گهڻن ڏينهن کان آهي؟"

"سيٺ، "مان سمجهان ٿو مهينو کن ٿيو هوندس. ڇو توهان هن کي سڃاڻو ٿا؟

گوپال، "سائين! هي گهران ڀڄي آيو آهي. ماءُ پيءُ هن جي ياد ۾ بيمار ٿي پيا آهن. هن جي ماءُ ته بستري داخل پئي آهي. سڄو گهر ڇڏي هت نوڪر جو ڪم ويٺو ڪري."

سيٺ، عجب مان - "رامو ڇا هيءُ سچ آهي؟"

راجو ڪڇي جهڙي پيٺ.

نئين زندگي

اڄ هن جي خوشيءَ جي ڪا حد نہ هئي. من روپي مکڙي ٽڙي جڻ گل ٿي پيئي هئي. ٽڙي بہ ڇو نہ؟ جواني ئي امنگن، جذبات ۽ خوشين جو سنگم آهي. جوانيءَ ۾ هر ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جي هڪ خواهش ٿي رهي. سٺو جيون ساٿي ملي ۽ نئين جيون جي شروعات ٿئي.

سو مدوءَ جي قسمت بہ پاسو ورايو. اڄ راجڪمار جيڪو نہ صرف نالي جو ئي راجڪمار هو پر شڪل شبيهہ، رنگ روپ، ڏاهہ ڏوهہ ۾ بہ راجڪمار کي مات ڪري رهيو هئو. انهيءَ جي راجڪمار سان مدوءَ جي مڱڻي ٻعدولي هاف مئرلاج شام جو ڀنجين بجي ٿيڻي آهي. جيون ساٿيءَ جي چونڊ تي هن کي فخر آهي.

راجڪمار بمبئيءَ ۾ ليکڪن جو ڪم ڪندو آهي.

ٻاهر هليا آيا. گڻيش جو چهرو غصي ۾ ڳاڙهو ٿي ويو. پر نيتا جي اکين مان لڙڪ ڳڙي آيا. ٻنهي جي ڪيڏي نه گهٽتائي ٿي هئي.

گهر پهچي گڻيش نيتا جي ڳلن تان ٻنهي هٿن سان ڳوڙها اگهي چيو، "ڇوري اسان ته پنهنجي فرض ادائي ڪئي آهي. هاڻي اندر ممتا جي ڪري هن جو پٽ هٿن مان وڃيس ٿو ته وڃڻ ڏينس." ۽ ٻئي ان ڳالهه کي دل تان وسارڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

مڏوءَ جي پاءُ کي هتي هفتو کن ترسڻو پيو جو
ڪٽرن جي راءِ چاڙهڻ بنا موٽڻ هن لاءِ مناسب نه هئو.
وءَ جي سڄي زندگيءَ جو فيصلو هاڻي ڊاڪٽرن جي
تي ئي قائم هئو. مڏوءَ جي پاءُ پنهنجي مهڙ
ڪٽر سان ڳالهايو. ڊاڪٽر چيو، حقيقت هيءَ آهي
ڪ ته هڏيون جڙڻ ۾ وقت لڳندو. پيو ته جڙڻ
پوءِ مريض جي ٽنگ ۾ ڪا وڏ رهجي وڃي ان ۾
شڪ نه آهي جو هڏيون پن ٽن هفتن جڙڻ کان پوءِ
ٽي طور بگڙي سگهن ٿيون. ڪيتري به ڪوشش
ڻ کان پوءِ به پوريءَ طرح وشواس نه آهي ته
پنهنجي اصلوڪي بيهڪ تي ايندي. وڌيڪ ڪٿي
مت.“

”توهان جي راءِ ۾ راجڪمار کي ليڪ ٽيڻ ۾ گهڻو
ت لڳندو؟“
ڊاڪٽر - ”اهو چوڻ ڏکيو آهي. ڇو جو اهو هڪ
مريض جي تندرستي ۽ مرض جي گهرائيءَ مٿي
مدار ٿو رکي. ٿي ٿو سگهي ڇه مهنا لڳن يا سال
لڳي وڃي.“

مڏوءَ جو پاڻ گهري سوچ ۾ پئجي ويو. ڏينهن
ن سان هو اسپتال کان ٻاهر نڪتو. هن جي
ٻيلڊي پيڻ جي قسمت ۾ خوشيءَ جي گهڙي اس

گھر پريو پاڇيو اٿن. لکن سان پيو راند ڪري. پيو مدوءَ
کي ڪهڙي چا؟ مدو به گلاب جو گل لڳي پيئي آهي.
ڪاليج ۾ ليڪچرار آهي سنگيت جي. سريلو گلو ورتي
۾ مليو اٿس. سو جوڙي ڏسي هر ڪنهن هنن جي
تقدير کي ساراهيو. ورهي سون ۾ سهاڳو اهو ته ٻول
چول ڪا هئن ڪونه. بس شادي ۾ مهيني کن کان
پوءِ ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو جنهن ٻنهي ڌرين کي
شاديءَ جي تيارين لاءِ ڪجهه وقت ملي ويو. بس
مهورت ڪڍائڻ باقي هو؛ ٻنهي پاسي شاديءَ جون
تياريون زوردار ٿيڻ لڳيون.

پر چوندا آهن ته ٻندي جي من ۾ هڪڙي ته صاحب
جي من ۾ ٻيءَ جو انت ڪنهن نه لڌو آهي. پندرهن
ڏينهن کان پوءِ مدوءَ جي گهر تار آئي ته راجڪمار
جو ڪنهن ٽرڪ ايڪسيڊنٽ ۾ ٽنگ ۾ زبردست فرڪچر
ٿي پيو آهي.

اهو ٻڌي مدوءَ جو پاءُ جنهن جي مٿو سڪيلڊي
پيڻ هئي، ٻمبئيءَ روانو ٿي ويو. راجڪمار اسپتال
پيل هو. هن جي ساڄي ٽنگ ۾ فرڪچر ٿيو جنهن
هڏي ڀڄي ٽن هنڌان ٽٽي پئي هئي. ٻي ٽنگ هلڪي
چوٽ لڳڻ ڪري ايشور جي ڪرپا سان بچي وئي
هئس.

ڇو جو هن وقت مدن جو پيءُ، گهر جو بزرگ ۽ وڏو ڀاءُ به هوُ نه هو. ڪيئن هو پنهنجي ڀيڻ جي آئينده کي اندڪار جي سمنڊ ۾ ٻوڙي ڇڏي؟ ڏيمن قدمن سان هلندو هو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي ويهي رهيو. هتاش، نراش، ٿڪل ۽ ٽٽل. ڪجھ وقت کان پوءِ ماڻس نه همٿ ڪري هن کان حال چال پڇڻ جـــي همٿ ڪئي.

"ڇو پٽ ايڏو ويچارن ۾ ڇو آهين؟ ڇا راجڪمار جي طبيعت وڌيڪ خراب آهي؟"

ڪجھ وقت پٽ ماءُ جي اکين ۾ اکيون کپائي ويچارن جي سمنڊ ۾ غوطا کائيندو رهيو. هن کي لڳو هـــو زمين تي نه آهي ڪنهن ٻيءَ دنيا ۾ وڃي الوپ ٿـي ويو آهي. پر ماءُ جـــي وري ڪيڪارڻ ڪري جڻ هو ٻيءَ دنيا مان واپس موٽي آيو ۽ پنهنجو اٽل ۽ گنڀير فيصلو ڏنو ـ "امان، هيءُ رشتو هاڻي ٿي نـــه سگهندو."

ماڻس تپرس ۾ اچي چيو، "پٽ، هيءُ تون ڇئين ڇا ٿيو؟"

"ها امان، مان ٺيڪ ٿـــو چـوان. راجڪمار جيڪر ٺيڪ ٿي به ويو ته به هن جي ٽنگ ۾ وڏ رهجي ويندي جو هڏي ڪافي هنڌن تان ٽٽي پئي آهي. الهيءَ

۾ آرسيءَ جي چمڪي جيان جهٽ ۾ چمڪاٽ ڪري غائب ٿي ويئي هئي.

ته ڇا هو راجڪمار جي نيڪ نيت جو انتظار ڪري؟ ۽ وري ايتري انتظاريءَ کان پوءِ به ٽنگ ۾ ڪا وڏ رهجي ويئي ته ڇا سندس پيٽو ٻو ويساکين جو سهارو وٺي عمر ڀر لنگڙائي هلندو؟ ۽ پوءِ ماڻهو ڇا چوندا ته هيءُ لنگڙو مڏوءَ جو پٽ آهي؟ ۽ پوءِ هو مڏوءَ کي دنيا جي نظر سان ڏسندا يا عجب کائيندا يا ورڌاتا جي هن بي انصافيءَ تي ڇي ڇي ڪندا ويندا.

سمنڊ جي لهرن وانگر هن جي لونڊڙين تي ڌانءِ ڌانءِ ويچارن جا ڌڪ لڳڻ لڳا. سور کان هن جو مٿو ڦاٽڻ لڳو. ٻه گهڙيون هو ٻئي هٿ مٿي تي رکي ويهي رهيو ۽ پوءِ تڪڙ ۾ اٿي واپس گهر اچڻ جو ارادو ڪري ٽرڻ ۾ ڪيئن ۽ ڪيڏي مهل چڙهي اچي گهر پهتو ان جو هن کي هوش نه آهي.

گهر ۾ گهڙندي ئي گهر جي سڀني ڀاتين جون اکيون هن جي چهري تي کپي ويون. هر نظر ۾ هڪ ئي سوال هو. هر نظر پريشان، بيتاب، بيچين هئي. مڏوءَ جي نظر سان نظر ملائڻ جي ته هن ۾ همت ئي نه هئي. ته ڇا پاڻ من ۾ نشچو ڪري مَن مضبوط ڪري ڇڏيو هو ته گهر ۾ فيصلو ڪهڙو ڏيڻو آهي؟

چنتا نہ ڪر امان، مان ڪوشش ڪري ڇوڪرو ڳولهي لهندس. پر مدوءَ کي ڪنهن لنگڙي جي سپرد نہ ڪندس." مدوءَ جي ڀاءُ چيو.

ان کان وڌيڪ ماڻس ڪجهہ ٺيڪ نہ سمجهيو. سيٺي "هري اڇا پلوان" سمجهي مدوءَ لاءِ پئي ڇوڪري جي تلاش جاري رکي.

قسمت سان مدوءَ جي ڀاءُ جو هڪ ننڍپڻ جو ڪلاس جو ساٿي جيڪو هن وقت پائلٽ هو ۽ ڪنهن ڪم سانگي هن شهر ۾ آيو هو تنهن جي ملاقات رستي تي مدوءَ جي ڀاءُ سان ٿي. ڳالهائيندي ڳالهائيندي مدوءَ جو ڀاءُ بنا ڪنهن ويچار جي هن کي چانهہ پاڻيءَ لاءِ گهر تائين وٺي آيو. مدو چانهہ کڻي آئي. ٻنهي دوستن چانهہ ناشتو ڪيو ۽ پوءِ پائلٽ ڪشور هن سان وري گڏجڻ جي پيشڪش ڪري رخصت ٿي ويو.

مدو جڏهن چانهہ جا خالي پيالا واپس کڻڻ لڳي تہ ڏسي تہ ٽي.وي. تي هڪ فائيل پيو آهي جنهن ۾ ڪشور جي آفيس جي ڪم جا ڪاغذ پيا آهن. هو شايد فائيل کڻڻ ڀلجي ويو هو.

ڪشور کي ڏسي مدوءَ جي من ۾ ٿوري هلچل ٿي ضرور پر هوءَ پهرين مڱڻي ٽٽڻ کان پوءِ هڪدم

ڪري مون فيصلو ڪيو آهي ته مڙوءَ جي زندگيءَ سان ڳالهه نه ڪري راجڪمار جو ويچار ڇڏي ڏيون."

ماءُ = "پر پٽ تون اهو ته سوچ ته وري اسان کي اهڙو ڇوڪرو ڪٿي ملندو؟ ڪا پول ڇول به ڪونهي، خاندان سٺو، پئسي وارا، اهي سڀ ڳالهيون هڪ ئي هنڌ اسان کي ڪٿي ملي سگهنديون؟"

"امان، مون پڪو نشچو ڪيو آهي ته مڙوءَ جو هاڻي هن ڇوڪري سان ڪو به سمبنڌ ڪونهي. بس، وڌيڪ بحث مان نٿو ڪرڻ چاهيان." پٽ اٽل ارادي سان چيو.

ماءُ - "پٽ، اهو ته سوچ، روز دنيا ۾ ڪيترا اڪسيڊنٽ پيا ٿين ته ڇا ماڻهو ٺيڪ ڪونه ٿا ٿين؟"

پٽ - "ها امان، ٺيڪ ٿيو نه ٿا ٿين پر هيءُ ڪيس ٻيو آهي هن ۾ وڌ رهڻ جي پوري گنجائش آهي. وري سڄو سال انتظار ڪير ڪندو؟"

پر جڏهن شاديءَ کان پوءِ اهڙو ڪجهه ٿئي ها ته پوءِ ڇا ڪري سگهجي ها؟ پوءِ به ته ڪا راهه ڪڍڻي هئي؟" ماءُ چيو.

"ها پوءِ راهه نه هئي پر هاڻي ته راهه آهي. مڙوءَ جهڙي ڇوڪريءَ لاءِ سوين ڇوڪرا ملي ويندا. تون

ڇانهه پئي ويچارن جي چڪرويوهه ۾ چڪر پيو لڳائي ته ڊر جي ڪال بيل وڄي. ڊر مڌوءَ جي ماءُ کوليو. پر شيام جي ويچارن جو سلسلو نه ٽٽو. ڪشور ڪيئن ۽ ڪڏهن اچي هن جي ڀر ۾ ويٺو شيام کي سڌ ئي نه پيئي. هو ته اکيون ٻوٽي ڪنهن گهري سوچ کي ڪمارو ملڙط جون آنڪلون پيو لڳائي. آخر ڪشور کي ئي ڳالهائڻو پيو، ”ڪر خبر يار ڪهڙن ويچارن ۾ گم آهين؟ مان ڪيتري دير کان ويٺو آهيان ۽ توکي ڪا سڌ ئي ڪونهي؟“

شيام ڇرڪ ڀري ننڊ مان جاڳيو. دوست جي آجيان ڪندي هٿ ملايائين. ڪشور چيو، ”يار پنهنجي يارن کان به من جي ڳالهه لڪائيندين ڇا؟“ پر شيام چپ رهيو. ”ڇڏ يار، هيڏن ڏينهن ۾ ته هت آيو آهين، پنهنجي پريشاني ٻڌائي توکي پيڙائڻ نٿو چاهيان.“

ڪشور - ”واهه دوست! دوستن کي خوب سڃاتو اٿئي. چوندا آهن ولهه ورهاءِ سک پاءِ. هونئن ته خوشيون ئي ورهائبيون آهن پر دوستن ۾ غم به ورهائجن.“

گهڻي چوڻ تي شيام مڌوءَ جو سڄو قصو ڪشور کي ٻڌائي ٿڌو ساهه کنيو.

بي جان، نراس ۽ غمگين ٿي وئي هئي. جڏهن لاءِ جيون ۾ خوشيءَ جي روشنيءَ جو سامان ڪنهن انڌيري کي سپرد ڪري روشنيءَ کي تالي ۾ بند ڪري ڇڏيو هجي.

جيڪو به پڙهندو هو ته هن جي ڀرپور مڱڻي ٽٽل آهي ته بنا ڪنهن جاچ جي اهوئي سمجهندو هو ته ضرور ڇوڪريءَ ۾ ئي ڪو نقص آهي. مڙوءَ جي ڪل خوشي، اڇاه جڏهن ڇو منتر ٿي ويا هئا.

انسان جذباتي آهي. هو نراس جلد ٿيندو آهي. آشاوادي گهٽ. غمگين جهٽ ٿيندو آهي، خوش دير سان. وري ڪنهن ٿي وقت جي مار سان جيڪر ڪو حادثو ٿيو ته پوءِ عمر ڀر ڏجي پيو پير وڙائيندو. مڙو به زندگيءَ ڏانهن هاڻي بلڪل نراس ٿي وئي. هن جو جوش، امنگ، اتساه، چنچلتا جڏهن پر ڪري اڏامي ويا هئا. ڀلا من کي ڪير سمجهائي؟

وقت جي ڀلهاري آهي. وقت جيڪر ڪروٽ نه مٽائي ته انسان ته مٽيءَ جي مورت ٿي پوي. جيئري ئي مري وڃي. خوشي غم، رات ڏينهن وانگر جوڙو آهن. بنا خوشيءَ غم جي سڃاڻ نه ٿي ٿي سگهي. بنا غم خوشيءَ جي قيمت جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي.

ٻئي ڏينهن شام جو مڙوءَ جو پاڻ آفيس مان اچي

سڀ صورتون سچائي هن جي اڇائن کي پورو ڪري خوش رکي ٿو سگهي. مڌوءَ کي خوش ڏسي شيام به خوش هو جو مڌوءَ جي جيون ۾ رونق اچي وئي هئي. زندگي هن لاءِ رنگين ۽ رومانی ٿي پئي هئي.

اهي زندگيءَ جا ٻه سال ڪيئن نڪري ويا مڌوءَ کي سمجھ ئي ڪانه پئي. پر چوندا آهن ته انسان جي جنم کان پهرين ئي وڌاتا هن جو ليک لکي ڇڏيندو آهي. اهو ليک ئي ته هو نه ته ڀلا سيتا بن ۾ ڇو وڃي ها؟ راڌا کي ڪرشن جو وڇوڙو ڇو سهڻو پوي ها؟ ميران کي راڄ ڇو ڇڏڻو پوي ها؟ ان ليک کي وڏيون هستيون به نه ٽاري سگهيون ته پوءِ مڌو ته هڪ رواجي استري هئي. پائلٽ جو جيون هميشه جوکي ڀريو هوندو آهي. ليک اهڙو ٺهيو جو ڪشور جو هوائي جهاز درگهٽنا ۾ موت ٿي ويو. مڌوءَ جي زندگيءَ ۾ اونداهيءَ ائين قدم رکيو جو اجالي جي هڪ ترورڙي جي روشني به هن لاءِ ڪين بچي.

شاديءَ کان پوءِ مڌوءَ نوڪري ڇڏي ڏني هئي پر هاڻي وري هن نوڪري ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن پيپر ۾ اشتهار پڙهي نوڪريءَ لاءِ درخواستون موڪليون. اتفاق سان مڌوءَ کي بمبئيءَ جي هڪ

ڪشور کِلي چيو "بس ڳالهه هيءَ ايتري؟"

"پلا مون ٻندي لاءِ توهان جو ڪهڙو خيال آهي."

ايترو ٻڌندي ئي شيام جي چهري تي جڻ چمڪ اچي وئي. چي "ڪشور تون مذاق ته ڪرين!"

ڪشور مسڪرائيندي چيو، "شيام، سچ ته هيءَ آهي ته ڪلهه ئي مان دل توهان جي گهر ڇڏي ويو هوس اُها ئي ته کڻڻ آيو آهيان."

"تون مذاق ڪرڻ ۾ گهٽ ڪينهين، هيءَ فائيل کڻڻ آيو هوندين." فائيل ڪشور طرف وڌائيندي شيام چيو.

ڪشور – "نه نه، شيام مان سچ ٿو چوان. مان ته مڌوءَ جي سونهن تي ئي موهت ٿي ويو آهيان. سچ هيءَ مذاق نه سمجهه."

شيام کي ته اهڙي ڪا اُميد ئي نه هئي ته ڪو هيءُ ڪم هيڏي سولائيءَ سان ٿي ويندو.

ائير فورس وارا هونئن به بي ڊپا، دل فينڪ ۽ فارورڊ ٿيندا آهن. جهٽ مڱڻي پٽ شادي ٿي وئي. مڌوءَ جا سپنا ساڪار ٿي ويا. هن جون سڌ لڇائون، اُمنگ، جذبات ڪرموڙي جاڳي اُٿيا. ڪشور هن سان بي انتها محبت ڪندو هو. هن جون سڀ خواهشون پوريون ڪندو هو. مڙس ئي ته زال جون

راجڪمار ٿي خاموشي ٽوڙي. "جيڪر مان پڇان نه ڪيان ته تون مڏو آهين؟"

مڏوءَ ڪنڌ 'ها' ۾ لوڏي هامي ڀري ۽ چيو "ها مان مڏو ٿي آهيان."

"مڏو تون هتي ڪٿي؟"

"اها وڏي داستان آهي." مڏوءَ چيو.

"ڇا اڪيلي آهين؟"

"فلحال ته اڪيلي آهيان."

"جيڪر ڪو اعتراض نه هجي ته هڪ ڪوپ ڪافي گڏ وٺي پيئون."

مڏوءَ ڪنڌ سان هامي ڀري.

ٻئي ڀر جي هڪ ريسٽوران ۾ گھڙي ويا.

راجڪمار پڇيو "تو شادي ڪئي؟"

مڏو "ها."

"پر هي ڇا تنهنجي مٿي تي نه تلڪ آهي نه گلي ۾ منگل سوتر؟ نه ڇا؟"

مڏو- "ها، هاڻي منهنجو جيون ساٿي هن دنيا ۾ نه آهي."

راجڪمار- "اوه! آءِ ايم ساري. پر اهو ڪيئن ٿيو؟"

مڏوءَ پنهنجي ٻن سالن جي رام ڪهاڻي ٻڌائي

ڪاليج ۾ سنگيت ليڪچرار جي پوسٽ ملي ۽ هن کي ٻمبئيءَ اچي رهڻو پيو. جيون جـي گذريل سونهري گهڙين کي ياد ڪري هوءَ پنهنجو جيون گذاري رهي هئي. گهمڻ گهٽڻ جو شوق تمام گهٽ هوس پر ته به ڪڏهن ڪڏهن ساهيڙيءَ سان گڏ شهر ۾ خريداري ڪرڻ وڃڻو ٿي پوندو هوس ۽ آرتوار کان سواءِ اهـو ڪم ناممڪن هو. ها اڄ ڏينهن به آرتوار هو. هن کـي روزمره جي شين لاءِ بازار سيداس ڊپارٽمينٽل اسٽور تي وڃڻو پيو. برش، ٽوٿ پيسٽ، ريڪسونا، رن ... ... وغيره. ۽ هوءَ اسٽور تي پهچي مٿي تـي هٿ رکـي باقي شيون ياد ڪرڻ لڳي ته هن جـي نگاهه ڪنهن سڃاتل شڪل تي پئي جيڪو ڪائونٽر تي بيٺو هـو.

هن جي هٿ ۾ لڪڻ هـو جنهن جـي مدد سان اڳيان وڌي هو اسٽور ۾ شيون ڏسڻ لڳو. اهـا شڪل ڀلا مڌو ڪيئن ٿـي وساري سگهي؟ اهو ئـي راجڪمار ويهن سالن کان پوءِ هن جي سامهون بيٺو هـو. ٻنهي جون نظرون هڪ ٻئي جي نظرن سان ٽڪرايون ۽ ڪيترا ئي شڪوا گلا نظرن مان ئي پڙهيا ويا ۽ پوءِ فارميلٽيءَ سبب هلڪي مرڪ ٻنهي جي چپن تي تري آئـي ۽ نمستي لاءِ ٻنهي جا هٿ ٻڌجي ويـا. منهن مان ڪير ڪيئن ۽ ڇا چوي؟ اهو هڪ اهـم سوال هـو. نيـٺ

"سچ ته هيءُ آهي مڌو، ته مان تنهنجي دل ڏکي نٿي ڪرڻ چاهي نڪو جذبات کي اُڀارڻ ٿي چاهيو. توکي دک پهچائڻ جي هن گستاخيءَ لاءِ مان شرمسار آهيان ۽ معافيءَ جو طلبگار آهيان، پر جيڪر منهنجي دل کان پڇين ته اڄ به منهنجي دل ۾ تو لاءِ اُهوئي پيار ۽ عزت آهي جيڪا اُن ڏينهن هئي."

مڌوءَ ساڙهيءَ جي پلؤ مان منهن ڪڍي عجب ڀريي انداز سان راجڪمار کي ڏٺو. هن جي منهن مان ازخود نڪتو "ته ڇا هي سڀ ٻڌڻ کان پوءِ به......؟"

راجڪمار - "ها، هي سڀ ٻڌڻ کان پوءِ به جيڪر تنهنجي دل مون ڏانهن مائل ٿئي ته مان تنهنجو زندگي ڀر شڪرگذار رهندس ۽ نئين زندگي شروع ڪرڻ ۾ جيون ساٿي ٿي رهڻ جي 'ها' ڪرين ته مان گذريل وقت کي ڀلجي نئين جيون جي شروعات ڪندس."

مڌو ڪجهي جهڙي پئي.

مڌوءَ کي چپ ڏسي راجڪمار مڌوءَ جي ڪومل هٿ تي پنهنجو هٿ رکي هن کي هلڪو دٻايو. مڌوءَ جي ڳلن تي پيار جي لالي جڻ اِن ڳالهه جي اظهار ڪرڻ جو اُهوس هئي.

پڇيو ”توهان شادي ڪئي؟“

”نه، مون شادي ڪئي ئي ڪونه.“

”پر، ڇو؟“

”بس، ائين ئي.“

”ائين وري ڪيئن.“

راجڪمار دل جي سچي ڳالهه زبان تي آڻيندي چيو ”سچ ته اهو هو ته، مون توکي پنهنجي دل ڏيئي ڇڏي هئي ۽ پوءِ جڏهن پڌرم ته توهان مڱڻي ٽوڙي ڇڏي آهي ته استري ذات جي بيوفائيءَ کان دل کٽي ٿي پئي. سو وري شاديءَ جو ارادو ڪم ئي ڪين.“

”سچ ته هيءُ هو ته، اُن وقت منهنجي جذبات جو ڪو قدر نه ڪيو ويو، نڪو مونکي ڪجهه چوڻ جو حق ئي ڏنو ويو، نڪو منهنجي ڪنهن صلاح جي ڪا ضرورت سمجهي وئي. منهنجو پاڻ توهان جي ننگ ۾ وڌ رهجي وڃڻ جي ڊپ کان توهان سان سڱبند ڪرڻ کان ڊڄي ويو ۽ وري قسمت سان مونکي هڪ هونهار پاڻلت ملي وئي. پر منهنجي قسمت کي منهنجو سک برداشت نه هو ۽ هوائي جهاز حادثي ۾......“ مٿو منهن ساڙهيءَ جي پلوءَ ۾ وجهي سڏڪڻ لڳي.

ساڌو رام ٻاهران چپ رهيو پر اندر ئي اندر سڙڪي ويو. من ۾ چيائين گهٽ ۾ گهٽ پنجاهه جو نوٽ چٽ ۽ ساڙهيءَ جي فرمائش الڳ.

ساڌو رام چيو - ”ها پلا ٻڌاءِ ته ڇا ڇا آڻڻو آهي؟“

سنيتا چيو - ”مونکي اسر ڪرڻو آهي ٿورو مالو هڙو ڙ وٺي اچجو.“

ساڌو رام پڇيس - ”گهڻو؟ پاءُ ڪافي ٿيندو؟“

سنيتا موڙو ڏئي چيو - ”ڪمال ٿا ڪيو! پلا پاءُ مان ڇا ٿيندو؟ ٻار ٻه ته کائيندا، گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلو ته هجي.“

”ها ٻيو ڇا؟“ ساڌو رام مٿي کي کنهندي چيو.

سنيتا سوچيندي چوندي وئي - ”ٻيو ته مينديءَ، مساڳ، مهاور، سندور، ڪجهه سڳنڌي اگربتيون ۽ ٿورو فروٽ بس.“

ساڌو رام ٿيلهي کڻي نڪتو ۽ رات ٿيڻ کان اڳ سڀ سامان اچي سنيتا کي ڏنو.

رات جو سمهڻ وقت سنيتا ساڌو رام کي 4 بجي جو الارم لاهڻ جي هدايت ڪئي.

اسر ٿيو ته سنيتا پاڻ اٿي. ساڌو رام کي ٻه جاڳائڻ جي ڪوشش ڪيائين - ”ٻڌو ٿا! توهان ٻه اٿي ڪجهه ته سڳڻ ڪيو. مينديءَ جو ٻه سڳڻ ضروري آهي.“

ٽيجڙيءَ جو ورت

نيتا ۽ سنيتا پاڙيسري ته آهن ئي گڏوگڏ هڪ ٻئي جون سٺيون ساهيڙيون پڻ. ٻنهي جو گهر هڪ ٻئي جي سامهون هو.

نيتا سنيتا کي ياد ڏياريندي چيو - ”ٻڌين ٿي! سياڻي ٽيجڙيءَ جو ورت اٿئي. ياد اٿئي نه؟“

سنيتا چيو - ”چڱو ڪيئه جو ياد ڏياري ڇڏيئه مان ته وسري ڪاڏي آهيان.“

شام جو ساڌو رام جيئن ئي آفيس مان آيو ته هن کي چانهه پياريندي سنيتا چيو - ”ٻڌو ٿا! سياڻي ٽيجڙيءَ جو ورت آهي.“

ساڌو رام ’هان‘ چئي چپ ٿي ويو.

سنيتا وراڻيندي چيس - ”بس، هان چئي ڇڏي ويا ڇا؟ خبر ته اٿو ته هيءُ ورت مان توهان جي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر ايشور کان گهرڻ لاءِ هر سال رکندي آهيان ۽ هر سال مونکي ئي ٻڌائڻو پوندو آهي ته توهان کي ڇا ڇا آڻڻو آهي.“

سان رڱيون پيون آهن - "ٻڌو ٽا! هيءُ توهان ڇا ڪيو سڀ چادرون خراب ٿي ويون. هيءُ داغ تـه لهندا بـه ڪونه."

ساڌو رام وائڙو ٿي ويو چيائين - "ڇا ٿيو؟"

سنيتا چيو - "مون توهان جي چيچ ۾ ڪٽي مينهدي هڻين سا توهان ننڊ ۾ چادرن کي هڻي ڇڏي."

ساڌو رام کلندي چيو، "تـو لائين ڇـو ڪيو؟ ان ۾ منهنجو تـه ڪو ڏوهه ڪونهي."

سنيتا ڪافي دير ٻڙ ٻڙ ڪندي رهي. چانهه پياري سنيتا جان ڪٽي ڳوٿريءَ ۾ هٿ وجهي تـه مساڳـه لهي ئي ڪونه. رڙ ڪري چيائين - "ٻڌو ٽا! مون توهان کي مساڳ ڇيو هئو سو تـه ڏسڻ ۾ نٿو اچي."

ساڌو رام ڏاڙهي ويٺي لاٿي هڪ پاسي لاهي ڇڪو هو ٻئي پاسي لاهڻ وارو هو تـه واڪو ٻڌي اچي سنيتا اڳيان حاضر ٿيو، "وري ڇا ٿيو؟"

"مساڳ ڪٿي آهي؟"

ساڌو رام غلطي مڃيندي چيو، "برابر هيٺرئين شين ۾ مساڳ تـه مونکان ٻجهي ويو."

ٻوءِ تـه سنيتا اڌ ڪلاڪ ٻئي ٻڙ ٻڙ ڪئي.

وري سنيتا نيتا کي سڏ ڪري پڇيو، "نيتا تـو اسر ڪيو؟ ڏسان تنهنجي مينهدي؟"

ٿوهان به هڪ آڱر ۾ ته لڳايو."

پر ساڌو رام گهري ننڊ ۾ هو. اُن، اون ڪري پاسو ورائي سمهي پيو.

سنيتا ننڊ ۾ ئي ساڌو رام جي ڇيڄ تي ٿوري مينڌي سڳڻ طور لڳائي ڇڏي.

اڄو صبوح تي وڃو هو پر ساڌو رام ڏٺو ته، سنيتا اڃان سمهي پئي آهي. هن سنيتا کي ڌونڌاري اُٿاريندي چيو - "ڇو ڇا اڄ چانهه به ڪونه ملندي ڇا؟"

سنيتا ننڊ ۾ پاسو ورائيندي سمهندي چيو، "مان ته اُسر کان اُٿي آهيان. مونکي چانهه به پٽي ڪونهي، گئس به ختم ٿي وئي اٿو. اُٿي سلينڊر لڳائي اڄ ته پاڻ ئي ڪٽي هڪ ڪوپ چانهه ناهي پيئو." ۽ سچ پچ سنيتا بي اوني تي سمهي پئي.

ساڌو رام من ۾ چيو، "اُف پست ساڌو رام آخر تنهنجي تندرستي ۽ وڏي عمر لاءِ ئي ته هيءَ ايڏو ڪشٽ ڪري رهي آهي." پاڻ پاڻ کنڌو اُٿندي چيائين - "هي ڀڳوان! شڪر جو سال ۾ هڪ دفعو ئي ٽيجڙي اچي ٿي نه ته سڄي عمر جو سر رلي وڃي."

سنيتا اڪ ڪولي اٺين بجي ۽ ساڌو رام کي چانهه ملي ساڍي اٺين بجي.

سنيتا جان اچي بستر جون چادرون ڏسي ته مينڌيءَ

سنيتا موڙو ڏيندي ڳالهہ ڪٽيندي چيو، "اڄ تہ ڪٽي ڪائو. سال ۾ هڪ ڏينهن جيڪر پيٽ جو ناشتو ڪيو تہ آسمان ڪونہ ڦاٽي پوندو. آخر تہ ورت توهان جي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر جي ڪري ئي ڪري رهي آهيان."

ساڌو رام وقت جي نزاڪت کي ڏسندي اکيون پوري ڳيتون ڏيندي پيٽ ڳڙڪائي ويو.

آفيس ويندي چيائين - "منهنجو ٽفن تہ ڏي."

سنيتا چيو - "اڄ روٽي هڪ وقت اڳو پوءِ رات جو ئي پنگہ سان ٿيندي. مونکي بہ تہ ورت ڇوڙڻو آهي. ورت رکي ڪير ويٺو هر هر روٽي ٺاهيندو؟ مان اسر کان اٿيل آهيان. توهان بہ اڳو پوءِ رات جو ئي پيٽ ڀري ڪائجو."

ساڌو رام اداسيءَ سان اسڪوٽر ڏانهن وڌيو تہ سنيتا چيس - "ياد اٿو باقي ڪهڙا ڪم ڪرڻا اٿو؟"

ساڌو رام ورانيو - "هينئر تہ ڀڄڙي آٽي ڏيانءِ نہ؟"

سنيتا چيو - "ها، هينئر جو هينئر مان پوڄي پوءِ ئي تہ پاڻي پيئندس. ڪنٺ تہ هينئر ئي سڪي ويا آهن."

ساڌو رام ڀڄڙي آٽي ڏنس ۽ آفيس وڃڻ لاءِ وڌيو.

سنيتا ورجائيندي چيس - "شام جو ڪيلا ٻڌالڻ لاءِ

ڏسي ته نيتا جا هٿ مهنديءَ سان رڱيا پيا آهن ۽ هن جا هٿ صرف پيلا لڳا پيا آهن.

اچي ساڌورام کي ورنائين - "ٻڌو ٿا! توهان ميندي ته سٺي ئي ڪونه آندي آهي. مون توهان کي چيو هو ته چونڪ جي ڪنڊ تي جيڪو ڪاٽي جو دوڪان آهي اُتان ئي ميندي آڻجو جو هن جي مشهور آهي پر توهان ته الائي ڪٿان وٺي آيا آهيو. سال ۾ هڪ دفعو هٿن ميندي سا به رچي ئي ڪونه."

ساڌورام منهن پلو ڪري چيو، "مان ڪالهه اُن پاسي کان لنگهيس ئي ڪونه سو جيڪو دوڪان سامهون لڌو اُتان ئي وٺي آيس."

آخر باقي سنيتا جي پٽ پٽ زور وٺندي وئي.

ساڍا نو ٿي ويا. ساڌورام ناشتي لاءِ اچي ٽيبل تي ويٺو. ڪافي انتظار کان پوءِ هڪ وڏي ڪٽوري ۾ پت ڀاڄي سنيتا کڻي اچي ٽيبل تي رکيو ۽ پاڻ ٿڌو ساهه کڻي ڪرسيءَ تي ويهي رهي.

ساڌورام عجب کائيندي چيو، "هيءَ پت وري ڪهڙي مرض لاءِ آهي؟"

سنيتا جواب ڏنو - "توهان لاءِ."

ساڌورام ڪار کائيندي چيو، "توکي ته خبر آهي ته مونکي پت ڏنو به ڪونه وڻي ۽...."

وارو اچي ته ڪير وٺي گرم ڪري رکجو، ڌيان رکجو ته ايامي نه وڃي ۽ ها ٿورو ڪجهه ڪير ارڙهه لاءِ الڳ ڪڍي رکندا، پلجندا نه.

ويچارو ساڌو رام اچ ڦاٿو ڪي ڦاٿو. سوچيائين شُڪر جو سال ۾ هڪ ڏينهن ٿي ٻيجڙي اچي ته روز هيڙا پاپڙ وڻاٽا پون. ٻر ٻه ورس ته هن جي تندرستيءَ ۽ وڏي عمر لاءِ ٿي ڪيو وڃو آهي. سو ڇي ساڌو رام رسوئيءَ ۾ گهڙيو ته ڪلاڪ ڪان پوءِ جڏهن سنيتا موٽي تڏهن ٿي هن کي ڇٽي ملي.

سنيتا رسوئيءَ جو ڪم جيئن تيئن لاٿو ۽ ڦان ٿي اچي بستري تي ڪري. مٿو سور ۾ پٽي ڦاٽس.

ساڌو رام همدرديءَ وچان چيس، "پاٽي پئنديءَ؟"

سنيتا چيو - "نه نه، سڀجها ڪان پوءِ ته هاڻي پاٽي به ڪونه پيئبو."

ساڌو رام چيو - "مان ٿو چوان، زمانو ڇيڏ تي پهچي ويو آهي ۽ توهان انهن ٿي پراڻن ويچارن ۾ جڪڙيل رون پيون آهيو. ڀلا چانهه پيئڻ ۾ ڪهڙي برائي آهي؟ جيڪو ماڻهو ڏينهن ۾ چار دفعا چانهه پيئي، ان کي هڪ دفعي به نه پيئڻ سان مٿي ۾ سور ٿيندو يا نه؟"

ساڌو رام کي گهر ۾ گهٽڻ ٿيڻ لڳي. هو ٻاهر

گرهڻيءَ کي چوندا وڃجو ۽ سنيتا شرمائيندي چيو ٻيو
به ڪجهه ياد اٿوَ يا نه؟“

ساڌو رام اچرج مان سنيتا ڏانهن نهاريو. ڄڻ ڪو
نئين نويلي ڪنوار ٿي هجي، ائين پئي شرمائي.
ساڌو رام سمجهي ويو ته سنيتا جو اشارو ڪيڏانهن آهي؟
چيائين - ”نئين ساڙهيءَ کان سواءِ ڪم نه هلندو ڇا؟“

پر ائين چوندي هو سنيتا سان نظر ملائڻ جي جرئت
نٿي ڪري سگهيو ۽ اسڪوٽر کي ڪِڪ هڻي هوا سان
ڳالهيون ڪندو نڪري ويو.

شام جو ڇهين بجي گهر پهتو ته سنيتا ڄڻ نئين
ساڙهيءَ جو انتظار ڪري رهي هئي. شاديءَ کي ڏهه
سال ٿيا اٿس ۽ هر سال نئين ساڙهي ايندي اٿس.
پر هن سال ساڌو رام جو هٿ تنگ هئو. ٻن ٻارن واري
گرهستي هلائڻ اڄ جي مهانگائيءَ ۾ ڪو مذاق ڪونهي.
ڪوشش ڪرڻ تي به هن کي اوڌر ڪونه ملي سگهي
هئي.

سنيتا اڳين ساڙهين مان هڪ ساڙهي پاتي. سورهان
سينگار ڪيائين ته ساڌو رام هڪ ٽڪ هڻي ڏسندو
رهيو.

سنجها ٿي ته سنيتا چيو - ”ٻڌو ٿا! مان ڪٿا ٻڌڻ
ٿي وڃان توهان رسوئيءَ ۾ سائي ڀاڄيءَ جي ڪڪر
کي بس ٻه سيٽيون هڻائي سم تي ڪري ڇڏجو، ڪير

جي لاءِ ئي رکيو ويو هو.

چنڊ نڪتو ته سنيتا پوڄا ڪري ارگهه ڏنو.

ساڌو رام ڪلهي چيو - "چنڊ کي ته سائنسدان هاڻي مٽيءَ ۽ جبلن جي جاءِ چئي آهي ۽ توهان اڃان پيون چنڊ کي ارگهه ڏيو."

سنيتا ته هاڻي ورندي ڏيڻ جي سامرٿ ۾ نه ئي ڪونه هئي. هن جو مٿو سور کان ڦاٽو ٿي. بک کان پيٽ ۾ گهنس ٿيڻ ڪري دل ڪچي پئجي ٿيس. اٿي اچڻ جهڙي حالت تي ويس.

صبوح کان وٺي جو جيڪو اُتساهه هوس سڀ ختم ٿي ويس. ٻه گره کائي هن وٺي ڇوڙيو ۽ وڃي بستري تي پئي.

ساڌو رام ٻارن کي روٽي کارائي ۽ خود به جهڙي تهڙي کائي اچي سنيتا جي مٿي کان ويٺو ۽ هن جي مٿي کي هلڪا هلڪا زور ڏيڻ لڳو.

سوچڻ لڳو هيڏي جتن سان روٽي ناهيائين سا به ڪانهي زبان تي وئي. ساڌو رام به صبوح کان وڏيڪ دکوڙ جي ڪري اُکجي پيو هو. هن کي سوچ هو ته هوءَ سنيتا لاءِ نئي ساڙهي نه آڻي سگهيو جڏهن ڪ هيءَ وٺي سنيتا هن جي تندرستيءَ ۽ لمبي عمر

نڪري وڃڻ لڳو ته ٽورو ٿهلي اچي ته سنيتا ٽوڪيس -
"ٻڌو ٽا! ٻري نه نڪري وڃو، چنڊ ساڍي اٺين ٽائين
نڪرندو اُن کان اڳ اچي وڃو."

ساڌو رام خفا ٿي چيو، "مونکي ٽورني ارڙهه ڏيٺو
آهي؟"

سنيتا - "اڙهه ته مان ڏيندس پر روٽي ٽوهان کان
پهرين ته ڪونه کائيندس. ٽوهان کي پيري پئي پوء
ٿي کائيندس. جڏهن ورت ٿي ٽوهان جي تندرستي
۽ لمبي عمر لاء ٿي ڪيان ته ڇا ٽوهان ايترو به نٽا
ڪري سگهو ته جلد هلي اچو."

ساڌو رام ٺيڪ اٺين بجي واپس موٽي آيو.

سنيتا چيس - "ٽوري تڪليف ڪري مٿي ڪڏ
تي چڙهي ته ڏسي اچو ته چنڊ جي سهائي ٽوري
گهٽي ڏسڻ ۾ اچي ٿي يا نه؟"

ساڌو رام چٽي پاسي نهاري ٻارن کي ڳولهڻ لڳو.
"ٻار ڪيڏانهن ويا آهن؟"

سنيتا جڙ مان جواب ڏنس - "اُهي ته ٻڙ هڻ ويا
آهن."

۽ ساڍي اٺين بجي ٽائين ته ساڌو رام کي ستت دفعا
ڪڏ تي چڙهڻو لهڻو پيو. ڪري به ڇا؟ ورت به ته هن

گنهگار

سياري جا ڏينهن هئا، سو به ڊسمبر وارو مهينو.
ڏيءَ رات جو هر ڪو سوڙ ۾ سوگهو ٿيو سمهيو پيو هو.
چانڪ ٺڪ، ٺڪ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا پاڙي وارن جي اک
لي پيئي. ٺڪ، ٺڪ جو آواز ٻڌندي ٿي. مگر ڪو به گهر
ان ٻاهر ڪونه نڪتو ته پاڙي ۾ ڇا ٿي رهيو آهي.
صرف ٿوري وقت جي واسطي، هيسائل اکڙين سان سوڙ
ان منهن ٻاهر ڪڍي وري سوڙ وجهي سمهي پيا.

صبح ٿيو، کير واري اچي دروازو کڙڪايو. ڪافي
ر تائين دروازو کڙڪائيندو رهيو، مگر دروازو ڪونه
کليو. آخر دروازي کي ٿورڙو زور ڏنائين ته دروازو
کلي پيو. تڏهن ڪانهوءَ به ٻه ٽي ڀيرا سڏ ڪيائين، مگر
ندران ڪوبه جواب ڪونه آيو. لاچار ٿي گهر جي اندر
گهڙيو. گهڙڻ سان ئي هن کان دانهن نڪري ويئي.
ڏٺائين ته چار لاش رت سان رنگيل پٽ ۾ پيا آهن
ڪوٺڙيءَ جو دروازو ڀڃڻ کليو پيو آهي. کير وارو
وڌيڪ وقت ترسي نه سگهيو ۽ دانهون ڪندو ٻاهر
نڪري آيو. سندس دانهن تي اوڙي پاڙي وارا اچي
گڏ ٿيا. نٿورام جو هي حال ڏسي سڀني جي نيڻن

لاهه ني ڪري رهي هئي. اها ڳالهه ياد ڪري هن کي
ڪافي سنتوش مليو سنيتا هن لاءِ ڪيڏي نه جاکوڙ
ڪئي هئي. هوءُ سنيتا جي مٿي کي هلڪا هلڪا زور
ڏيندي اُٿي ۽ ڪرسيءَ تي ويٺو ننڊ جي گود ۾
سمائجي ويو.

مان مونکي ناروءَ ۾ ئي شڪ پوي ٿو." اها ڳالهه ٻڌي مکي صاحب خود منجهي پيو ٿو. سب انسپيڪٽر ڪلڪرنيءَ کي نٿو رام وٽ ويهاري، پاڻ مکي صاحب کي ساڻ ڪري جيپ اچي ناروءَ جي دروازي وٽ بيهاري. مکي صاحب کي انسپيڪٽر چيو ته توهان هتان ئي وڏي آواز سان ناروءَ کي سڏ ڪريو. مکي صاحب ائين ڪيو.

ناروءَ مکي صاحب جو آواز سڃاتو. هن ڄاتو ٿي ته مکي صاحب مونکي نٿو رام جي موت جي خبر ٻڌائڻ آيو هوندو. مان به روئي پٽي بيگناهيءَ جو ثبوت ڏيندس. ناروءَ جيئن ئي دروازو کوليو ته انسپيڪٽر تي نظر پيس. نارو انسپيڪٽر کي ڏسي هراسجي ويو. هوش گم ٿي ويس. هن ڀڄڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، مگر انسپيڪٽر کيس ڊوڙي ٻانهن کان پڪڙي ورتو. ڀڄڻ جي ڏوهه سبب انسپيڪٽر ناروءَ کي ٻه ٽي چماٽون پڻ وهائي ڪڍيون. گهر وارا پوليس کي گهر ۾ آيل ڏسي گهٻرائجي ويا. ڪن ته گهر کان ٻاهر ڀڄڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي مگر انسپيڪٽر هڪل ڪري گهر وارن کي چيو ته "ڪو به ٻاهر نه وڃي جيڪڏهن ڪنهن به ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي، ته انکي شوٽ ڪيو ويندو."

۾ نير پرچي آيو. خبر پوندي مکي مينگهراجمل پڻ
ڊوڙندو آيو. اچڻ شرط هن پوليس کي فون ڪئي.
فون ملڻ شرط پوليس سر زمين تي آئي. جاچ ڪندي
انسپيڪٽر کي نٿورام جو سرير ڪجهه گرم محسوس ٿيو.
فون ڪري ڊاڪٽر صاحب کي پڻ گهرايو ويو. ڊاڪٽر
نبض ڏسندي چيو ته نٿورام اڃان تائين ته زنده آهي.
کيس جلدي اسپتال کڻائي ويا. آپريشن ڪري سندس
سيني مان روالور جي گولي ڪڍي ويئي ۽ رت جي
بوتل پڻ چڙهائي وئي هئي. ڪجهه ڪلاڪن کان پوءِ
نٿورام هوش ۾ آيو. هوش ۾ اچڻ شرط هن جي
منهن مان نڪتو، "نمڪ حرام نارو تو هي ڇا ڪيو!"
اهي اکر ٻڌي پوليس انسپيڪٽر سري نٿورام جي
پرسان ٿي ويٺو. نٿورام کي هڪ ٻه سڏ پڻ ڪيائين
مگر نٿورام ڪو به جواب ڪو نه ڏنو. ڊاڪٽر صاحب
انسپيڪٽر کي منع ڪئي ته فلحال نٿورام کي آرام
ڪرڻ ڏيو.

"مکي صاحب، هي نارو ڪير آهي؟" انسپيڪٽر
مکي مينگهراجمل کان پڇو.

"سائين، نارو ته نٿورام جو جگري دوست آهي"
انسپيڪٽر ڏانهن نهاريندي مکيءَ چيو.

"برابر دوست هوندو مگر، نٿورام جي چيل لفظن

ان دشمني هئي؟ تون تہ سندس گهري ۾ گهرو
ر هئين."

نارو وڏا قسم کڻڻ لڳو تہ مونکي ڪابہ خبر
ڪونہ آهي.

"تنهن هوندي بہ توکي اسان سان گڏ هلڻو پوندو."

"انسپيڪٽر صاحب توهان ايتري قدر بي انصافي
وتا ڪريو. يار بہ موري منهنجو ۽ پڪڙيو بہ مونکي ٿي
. هيڏي وڏي شهر مان توهانکي ڪو بہ گنهگار نظر
ڪونہ ٿو اچي مونکان سواءِ؟"

"نارو، وڏيڪ ڳالهائڻ جو ضرور ڪونہ آهي. هيءَ
مکي صاحب جي عزت ڪري توکي ڪجهہ ڪونہ ٿو
وان، نہ تہ هينئر ئي ڏينهن جا تارا ڏيکاري ڇڏيانءِ.
لدي پنجين منٽن ۾ تيار ٿي اچ."

ناروءَ اندر وڃي زال کي ڪن ۾ ڪجهہ چيو ۽ مٿي
ڇتيءَ ڏانهن اشارو پڻ ڪيائين. انسپيڪٽر دريءَ کان
ب ڪجهہ ڏسي ورتو هو. اهڙي گنهگار کي ڀڳوان
معاف نہ ڪري سگهندو آهي. نارو جيڪڏهن ڇتيءَ
انهن اشارو نہ ڪري ها تہ انسپيڪٽر کي شڪ ٿي نہ
ري ها.

انسپيڪٽر مکي صاحب کي چيو تہ، "ٿورو وقت
ندر تہ هلجو. انسپيڪٽر اندر آيو. "نارو هن ڇتيءَ ۾

انسپيڪٽر پوليس وارن کي حڪم ڪيو ته سڄي گهر جي تلاشي ورتي وڃي. مڪيءَ نفرت جي نگاهن سان ناروءَ کي ڏٺو. ناروءَ پنهنجون نظرون جهڪائي ڇڏيون هيون. جڻ هن گناهه جي قبوليت ڏيئي ڇڏي هئائين. اڌ ڪلاڪ جي تلاشيءَ کان پوءِ به ڪجهه هٿ نه آيو ته ناروءَ جو جهڪيل سر مٿي کڄيو. مڪي صاحب ڏانهن نهاري پڇڻ لڳو، ”مڪي صاحب آخر ڳالهه ڇا آهي؟“

مڪيءَ کيس سڄيءَ حقيقت کان واقف ڪيو. اها حقيقت ٻڌي نارو اچي رُئڻ ۾ ڇٽڪيو. ورلاپ ڪري رُئڻ لڳو. گهر وارا پڻ ناروءَ کي رُئندو ڏسي پاڻ به رُئندا رهيا. انسپيڪٽر خود پريشان ٿي ويو. ان وقت کيس به ڪا ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي اچي.

”انسپيڪٽر صاحب هاڻي توهانجو ڇا ويچار آهي؟“ مڪيءَ انسپيڪٽر ڏانهن نهاريندي پڇيو.

”مڪي صاحب ڀلي ڪٿي ثبوت نه ملي سگهيو آهي مگر منهنجي دل ٿي چئي ته هن راز جي ڄاڻ ناروءَ کي ئي آهي.“

مڪيءَ ناروءَ کان پڇيو، ”نارو توکي خبر آهي ته هيءُ ڪڌو ڪم ڪنهن ڪيو هوندو؟ يا نٿو رام جي ڪنهن

ڪري دوست کي ڪٽنب سميت قتل ڪري ڇڏيائين.
نارو دوستيءَ تي ڄڻ ڪارهن جو داغ ٿي پيو. نه ته
دوست دوست جي واسطي جان به ڏيندو آهي. ليڪن
ناروءَ دوست جي جان وٺي ڇڏي. تنهن ڪري لڳي ٿو
ته قدرت واري به اصلي گنهگار کي سزا ڏيارڻ جي
واسطي ئي، نٿورام کي تيستين زنده رکيو، ”نمڪحرام
نارو، تو هيءُ ڇا ڪيو؟“ اهي نٿورام جا آخرين لفظ
هئا. انهن لفظن ئي ناروءَ کي سڄو سوڌو پڪڙايو.

اڄ ناروءَ جي شنوائيءَ جي تاريخ آهي. ڪورٽ
جي ٻاهران هزارين ماڻهو اچي گڏ ٿيا هئا. سڀئي ماڻهن
اهوئي پڪ ٿي چاهيو ته، ”ڏسجي نارو پنهنجي
صفائيءَ ۾ ڇا ٿو چوي.“

جج صاحب پنهنجي چيمبر مان ٻاهر نڪري، ڪورٽ
۾ داخل ٿئي ٿو. سڀئي جج صاحب جي عزت ۾ اٿي
بيهن ٿا. جج صاحب جيئن ئي پنهنجيءَ ڪرسيءَ تي
ويٺو، تيئن هرڪو پنهنجي سيٽ تي ويهي رهيو.
پٽي ڪيس هلي چڪا هئا تنهن ڪانپوءِ ئي ناروءَ جو
نالو پڪاريو ويو. نارو جنهن وقت پڃري ۾ اچي بيٺو،
تنهن وقت سندس نظرون جهڪيل هيون. سندس
سامهون گيتا آندي وئي. ناروءَ گيتا تي هٿ رکي
قسم کاڌو ته جيڪي به چوندس سچ چوندس. جج

چا آهي؟"

اهو سوال ٻڌي نارو هراسجي ويو تنهن هوندي به همت ٻڌي چيائين ته "سائين هن ٻر ۾ گهر جو پراڻو سامان رکيل آهي."

"هن ٻڌيءَ جي سرچ ڪئي اٿوَ؟" انسپيڪٽر سپاهين کان پڇو.

"سر اسانجو ته ٻڌيءَ ڏانهن ڌيان ئي ڪونه ويو آهي."

"چڱو مٿي وڃي جاچ ڪري اچو." سپاهي مٿي چڙهيا. ناروءَ جو جڻ ته خون ئي سڪي ويو. هن سمجهو ته هاڻي مان سڄي زندگي آرام سان ويهي کائيندس. ليڪن قدرت واري ڪيس اهو کاڌو هضم ڪرڻ نه ڏنو. نٿورام جا سڀئي زيور ۽ روڪڙ ان ٻڌيءَ مان ئي نڪتا.

مکيءَ کي ته جڻ وشواس ئي نٿي آيو ته، نٿورام جو قاتل سندس جگري دوست نارو ئي هوندو. انسپيڪٽر ناروءَ جي هٿن ۾ هٿڪڙيون ۽ ڪمر ۾ رسي ٻڌي، ڪارو منهن ڪري، پنڌ شاهي بزار ۾ گهمايو. هشام ماڻهن جا هن جي پٺيان هئا. سڄي شهر ۾ خبر پکڙجي وئي ته نٿورام جو قاتل نارو ئي آهي. سڀني کي ناروءَ مان نفرت اچڻ لڳي ته ٿوريءَ لالچ جي

پڻ گنڀير ٿي ويو هو ۽ ناروءَ جو آواز پڻ ٿوري وقت
جي واسطي بند ٿي ويو. آنسون اُگھندي ناروءَ وري
چوڻ شروع ڪيو تہ سرڪار، مونکي جڏهن بہ
پئسن جي ضرورت پوندي هئي تہ نٿورام مونکي
ڏيندو هو. ڪڏهن بہ پئسن ڏيڻ کان انڪار نہ ڪيائين.
ليڪن سندس ننڍي ڀاءُ منگت کي اها ڳالهہ نہ وڻندي
هئي. مگر مريادا جي خيال کان وڏي ڀاءُ کي وڌيڪ
چئي نہ سگھندو هو. منگت چئن جي برابر سگھارو
مڙس آهي. هن جي هوندي ڪڏهين بہ سندن گھر
جي چوري نہ ٿي هئي. هڪ ڏينهن نٿورام کيس
چيو تہ ”منگت! امان ۽ بابا جي اِڇا آهي تہ تيرٿ
ياترا ڪري اچون. هاڻي حياتيءَ تي ڀروسو بہ ڪونہ
آهي. اُنهن کي بہ تيرٿ ياترا ڪرائي اچ ۽
پنهنجن ٻارڙن کي پڻ زال سميت ياترا ڪرائي اچ.“
منگت ياترا تي ويل هئو. نٿورام جي تجوري سون
چانديءَ ۽ نوٽن سان ڀريل هئي. منهنجي اندر ۾ پاپ
اچي واسو ڪيو. منگت جي هوندي، جگر نہ ٿئي ها.
نٿورام ٻن ٻارن ۽ زال سميت هئو. سوچيو هوم تہ ريوالور
ڏيکاري تجوريءَ جو بار ڪجھہ هلڪو ڪري ايندس.
هيءُ روز روز ڀيڪارين وانگر نٿورام کان پئسا گھرڻ
سو بہ ٺيڪ نٿو لڳي. اُن رات مون پاڻ کي اهڙي

صاحب ناروءَ کان پھريون اھو ئي سوال پڇيو، ”فوتي نٿورام ۽ سندس ڪٽنبين جو ڪنھن قتل ڪيو؟ تنھن جي توکي ڄاڻ آھي؟“

”مئي لارڊ اھو گناھ مون کان ئي ٿي ويو آھي.“

”تون پنھنجو ھوش حواس سالم رکي ڳالھائين ٿو يا نه؟“ جج صاحب پڇيو.

”سرڪار مان سچ چئي رھيو آھيان.“ ناروءَ جج صاحب ڏانھن نھاريندي چيو.

”قتل ڪرڻ جو ڪارڻ؟“

”حضور اھا ھڪ لنبي ڪھاڻي آھي. اجازت ڏيو ته ٻڌايان.“

جج صاحب کيس حقيقت ٻڌائڻ جي اجازت ڏني.

”سرڪار نٿورام منھنجو گھري ۾ گھرو دوست ھوندو ھو. اسين ھڪ ٻئي کان ڪا به ڳالھه ڪونه لڪائيندا ھئاسين. قرب وچان نٿورام ھميشه پاڪر پائي گڏبو ھو. روٽيءَ کائڻ جو وقت ٿيندو ھو، تڏھن به روٽيءَ کارائڻ کا سواءِ ڪين ڇڏيندو ھو. سندس ٻارڙا پڻ مونکي عزت ڏيندا ھئا. سندس زال مونکي ڏير سمان سمجھندي ھئي. ائين چوندي چوندي ناروءَ جي نيڻن ۾ نير ڀرجي آيو. کيس ان وقت ماضيءَ جون ڳالھيون ياد اچڻ لڳيون. سڄيءَ ڪورٽ جو وايو منڊل

منهنجي مٿان ڪو ڀوت سوار آهي. نه چاهيندي ٻه
منهنجي ريوالور جون گوليون ٺاه ٺاه ڪري ٻاهر نڪرڻ
لڳيون. سيني کي ڦٽڪندو ڏسي منهنجو هوش ٿي
گم ٿي ويو. مون هي ڇا ڪيو؟ پوءِ مان ڏاڍو پڇتائڻ
لڳس. اچانڪ ٻبلوءَ جي منهن مان نڪتو، "انڪل
پاڻي". مان ڊوڙي پاڻي ڀري آيس. ليڪن پکي
پهري مان نڪري ويو. مون ٻبلوءَ جي لاش مٿان ڏاڍو
رنو هو. مونکي ياد آيو ته جنهن ڏينهن ٻبلو ڄائو هو
تنهن ڏينهن مان کيس گود ۾ کڻي ڏاڍو نچيو هوس.
نٿو رام منهنجي مٿان ۽ ٻبلوءَ جي مٿان نوٽ ٿي
گهو ريا. منهنجي پيار جي گود ڀري هئي. تنهن ئي
ٻبلوءَ جو قتل منهنجي هٿان...... ! ڀڳوان مون هي ڇا
ڪيو؟

جيڪا پاپي مونکي گرم گرم روٽي پنهنجن هٿڙن
سان تيار ڪري کارائيندي هئي تنهن کي به مون ماري
وڌو!

ويچاري نماڻي ڪيڏي نه سباجهي هوندي هئي.
مونکي ڀاڪر پائي ڪيڏو نه پيار ڪندي هئي. پنهنجن
نڍڙن نڍڙن هٿڙن سان مونکي کجهه نه کجهه
کارائيندي رهندي هئي. اڄ هوءَ به منهنجي ئي هٿان
ٿي. منهنجو پيار به منهنجي ئي هٿان کسجي ويو!

نموني ۾ ڪيو جو مونکي ڪير سڃاڻي نه سگهي. پٽڪي مان به صرف ٻه اکيون نظر ٿي آيون. اڌي رات جو وقت هو، رووالور هٿ ۾ کڻي، اچي نٿورام جو دروازو کڙڪايم. نٿورام جي اک کلي، ”منگت آهين ڇا؟“ ننڊاکڙين اکين سان هن اچي دروازو کوليو. مان کيس رووالور ڏيکاري گهر جي اندر داخل ٿيس. رووالور ڏسي نٿورام ڊڄي ويو. تجوري کولڻ جو کيس اِشارو ڪيم. هن چابي هڻي تجوريءَ جو دروازو کوليو. مون سون، چانديءَ ۽ نوٽن سان ٿيلهو ڀري ڇڏيو. مان پنهنجي ڪاميابيءَ تي ڏاڍو خوش ٿيس. ليڪن پل پر ۾ ڇا ٿيڻو آهي، تنهنجي جاڻ ڪانه هيم. گهر جا سڀ ڀاتي جاڳي پيا هئا. هراسيل اکڙين سان مون ڏانهن نهارڻ لڳا. مان ڀويان پير ڪري هلڻ لڳس. اچانڪ مونکي ٿابو اچي ويو. مان ڪري پيس. منهنجو پٽڪو پڻ لهي ويو. نٿورام مونکي ڏسي وائڙو ٿي ويو. سندس منهن مان نڪتو ”اڙي نارو تون! هيءُ ناٽڪ ڪرڻ ڪڏهن کان سکئين؟“ اِئين چئي هن مونکي پنهنجن ٻانهن جو سهارو ڏيئي اچي اُٿاريو. ”نارو، تو ته اسانجو ساهه ئي ڪڍي ڇڏيو هو.“ گهر جا سڀئي ڀاتي مون ڏانهن نهاري مشڪڻ لڳا. شرافت جي به ڪا حد ٿيندي آهي. هن ويچارن کي کهڙي خبر ته

چاهيو. جوش ۾ اچي گهر کان ٻاهر نڪتس. سڌو تلاءَ ۾ وڃي ٽپو ڏنم. مونکي خود پاڻ تان ئي عجب ٿيڻ لڳو. مون مرڻ خاطر ئي تلاءُ ۾ ٽپو ڏنو هو، مگر ٽپي ڏيڻ کانپوءِ، مان جيئڻ خاطر تري رهيو هوس. ترندي ترندي اچي ڪناري جي ڏاڪڻ وٽ پهتس. ڪافي ٽائيم تائين ويٺو رهيس. ڏٺم ته صبح ٿيڻ وارو آهي. اچانڪ مندر جو پوڄاري ڀڳوان جو نالو جپيندو جپيندو، تلاءُ جي گهاٽ وٽ اچي سنان ڪرڻ لڳو. پوڄاري ڪيترو نه خوش آهي. ڪيڏي نه شانتي اٿس. مان سندس مشڪندڙ چهري مان ائين محسوس ڪرڻ لڳس. هڙي حال ۾ مونکي ڀڳوان جي نالي جپڻ جو به ادڪار ڪونه آهي. ڪهڙي منهن سان ڀڳوان جو نالو جپيان؟ ان وقت مان ائين سمجهڻ لڳس ته مون کان سواءِ، هتي جو هر ڪو انسان سکي آهي. ڪيتري وقت تائين ائين سوچيندو رهيس. آخر آلن ڪپڙن سان ئي پنهنجي گهر موٽي آيس. ان وقت گهر جا سڀئي ڀاتي جاڳي رهيا هئا. منهنجو حال ڏسي سوالي نظرن سان، مون ڏانهن نهاريندا رهيا. مان سڌو پنهنجي ڪمري ۾ وڃي آلا ڪپڙا بدلائڻ لڳس. ”تون ڪٿي اهان؟“ منهنجي ڌرمپتنيءَ مونکي پڇيو، ”نه.“ مون صرف اهو جواب ڏنو.

”ڀلا چانهه پيئندا؟“

هن منهنجي واسطي ڇا نه ڪيو ! اُنجي بدلي مان ڇا ڪري ويٺس ! ٿوريءَ لالچ جي ڪري مان پنهنجي يار جو گهر برباد ڪري ويٺس .... ! لائين ڇڏي ڪوٺڙي سان سر ٽڪرائڻ لڳو.

جج صاحب مان پنهنجي يار جي لاش مٿان ڪري پيو هوس . مون پنهنجو به انت آڻڻ ٿي چاهيو. روالور ڪڍي سر جي مٿان رکيم . صرف گولي هلائڻ جي دير هئي. مگر اندر ۾ ويٺل پاپ مونکي ائين ڪرڻ نه ڏنو. پوءِ ته مان پنهنجي جان بچائي گهر کان ٻاهر نڪتس . ٻاهريون دروازو ٻيڪڙي تيز قدمن سان هلندو رهيس . هلندي هلندي اچي پنهنجي گهر پهتس. گهر وارا سڀ گهريءَ ننڊ ۾ سمهيا پيا هئا . ڪنهن کي ڪهڙي خبر ته مان ڪهڙو خطرناڪ ڪم ڪري آيو آهيان. ٿڪاهو ٻڇٽيءَ ۾ اڪائي مان به وڃي پنهنجي بستري تي سمهيس . مگر نيڻن ۾ ننڊ ڪٿي !

”اَنڪل پاٽي.“ ٻلوءَ جا ساڳيا به اکر، مونکي بار بار ٽڙ ڦانيندا ٿي رهيا. تنهن ڪري منهنجي نيڻن مان نير وهندو ٿي رهيو. ڇا منهنجي زندگي هاڻي هن طرح ڪٽبي ! اُن وقت منهنجو سڄو سرير ڏکي رهيو هو. مونکي خود پاڻ تان ئي نفرت اچڻ لڳي. هن جيئڻ کان ته موت بهتر آهي. مان اُن وقت مرڻ تي

”جج صاحب مان خوني آهيان، مان قاتل آهيان. مونکي ڦاسيءَ جي سزا ڏيو. بس، مونکي هينئر ئي ڦاسيءَ تي لٽڪايو وڃي.“

اِهو بيان ٻڌي، سڄيءَ ڪورٽ ۾ سناٽو ڇانئجي ويو. ڪٽهڙي ۾ بيٺل نارو، مڇيءَ وانگر ٿڙ ڦندو ٿي رهيو. باقي جج صاحب کي فتوا ڏيڻي هئي. جج صاحب فتوا ڏيندي چيو ته، ”جوابدار ناروءَ جيڪو گناه ڪيو آهي، تنهن گناه لاءِ جوابدار کي ڦاسيءَ جي سزا ڏيڻ، گهٽ سزا آهي. تنهن ڪري مان جوابدار کي، جنم ٽيپ جي سزا ٿو ڏيان ته جيئن جوابدار ڪيل گناه جي آگ ۾، ساري زندگي جلندو رهي.“

اِها ججمينٽ ڏيئي جج صاحب، ڪورٽ مان اٿي پنهنجي چيمبر ۾ هليو ويو.

اِها ججمينٽ ٻڌي نارو زار زار روئندو رهيو. پوليس وارا آيا، ناروءَ کي هٿڪڙيون هڻي پاڻ سان گڏ وٺي ويا. زندگيءَ ڀر روئڻ لاءِ.

”مونکي ڪجهه نه کهرجي.“ ٻانهن کان پڪڙي ڪيس پنهنجي ڪمري مان ٻاهر ڪڍيم. مان جوش ۾ سهڪندو سهڪندو پنهنجي بستري تي اچي سمهيس. ”انڪل پاڻي.“ ٻبلوءَ جي صورت منهنجي اکين جي سامهون اچي بيٺي. ”ٻبلو مان بدنصيب توکي پاڻيءَ جا ٻه ڍڪ به پيئاري نه سگهيس. مونکي معاف ڪج ٻبلو، مونکي معاف ڪج. ائين چئي مان زار زار روئڻ لڳس، چلائڻ لڳس. ايتري قدر جو مان زور زور سان واڪا پڻ ڪرڻ لڳس. منهنجي ماءُ ڊوڙندي اندر آئي. ”نارو پٽ ڇو ٿو روئين؟ ڪهڙي تڪليف اٿيئي!!“ هن منهنجي مٿي تي هٿڙو گهمائيندي چيو.

آمان، آمان، چئي مان سندس گود ۾ ڪري پيس. منهنجي نيڻن مان نير وهڻ لڳو. آمان مونکي کڻي پنهنجي سيني سان لڳايو.

”نارو، ڇا پنهنجي دل جو حال ماءُ کي به نه ٻڌائيندين!“

مان پنهنجي ماءُ سان سچي حقيقت ڪرڻ وارو ئي هوس ته، هڪ ڪاري ٻلي اچي اڱڻ ۾ بيٺي. ڪاري ٻليءَ کي ڏسي منهنجي ڇاتي ڇڄي پيئي. اچانڪ اُن وقت مکي صاحب جو سڏ ٿيو.

موڻا جي رهڻي ڪهڻي، کاڌو پيتو، پهراءُ سڀ وڻنديس. ماءُ کان بلڪل اُبتڙ.

سندريءَ کي به بس هڪ ئي چنتا هئي ڌيءُ جي شاديءَ جي.

اڄوڪي پوسٽ جي لفافن ۾ هڪ لفافو امريڪا مان آيو آهي. اها ڪا وڏي ڳالهه ڪونهي. سندريءَ جا ڀائر ڀاڄايون امريڪا ۾ ئي رهندا آهن ۽ سندريءَ انهن کي موڻا جي رشتي لاءِ ڇوڪرو ڳولهڻ جي پيشڪش پڻ ڪئي آهي. پهرين سندريءَ اهو لفافو کوليو. چٺي پڙهندي ئي هن جي چال ۾ ڦڙتي اچي وئي. لکيل هو ته دنيش هندستان ۾ شاديءَ لاءِ ڇوڪريون ڏسڻ اچي رهيو آهي. توهان وٽ اچي لهندو. موڻا لاءِ دنيش تمام سٺو ساٿي ثابت ٿيندو جو هو پئسي ۽ تعليم ۾ تمام چڙهيل آهي.

لکيل هو ته هن جي کلي دل سان آءُ ڀڳت ڪجو ته ڪم ٿي وڃي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته موڻا کي هو ضرور پسند ڪندو.

سندريءَ ٻن ٽن ڏينهن جي موڪل ورتي ۽ گهر جي ڏاهه ٿوهه ۾ لڳي وئي. ڏينهون ڏينهن گهر جا پڙدا مٽيا ويا، نوان ۽ قيمتي پڙدا لڳايا ويا. ميزن جا ميزپوش ۽ گلدستا پڻ مٽيا ويا. پلنگن تي جهالردار چادرون وڇايون

سچو جيون ساٿي

ڪاليج جي پروفيسر سندري ڪلڪتي جي هڪ عاليشان بنگلي ۾ پنهنجي ڌيءُ مونا سان رهندي آهي. عمر گذري اٿس پر هن تي وديشي نشو نہ چڙهيو آهي. هندستاني ساڙهي ۽ سادو سودو جوڙو هن جي سادگي ۽ ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جي ساک ڏئي رهيا آهن.

ڪنهن وقت ۾ سندريءَ جو پتي نامي گرامي واپارين مان هڪ هو پر ٻہ سال اڳ هارٽ اٽيڪ ۾ ويندو رهيو. پئسو تہ ستن پيڙهين لاءِ ڇڏي ويو آهي پر پئسو انسان جي پورائي تہ نٿو ڪري سگهي.

سندريءَ جي ڌيءُ جو نالو آهي مونيڪا پر پيار سان سڀ چونس مونا. ڪافي حسين، پڙهيل ڳڙهيل ۽ ماڊرن آهي پر وديشي تهذيب جي حامي آهي. سندريءَ گهڻيئي چاهيو تہ مونا کي هندستاني تهذيب ۾ ٻڌي رکان پر مونا کي تہ پوري سنڌي بہ ڪونہ اچي. پلا جنم کان انگريزي اسڪول ۾ تعليم وٺڻ سبب انگريزي ئي هن جي ماتر ڀاشا ٿي وئي. لٽريچر ۾ بي اي. ڪري هاڻي ايم. اي. بہ انگريزيءَ ۾ ئي ڪري رهي آهي.

أنيتا نه مونا کان بلڪل اڻڄاڻ هئي. هن کي پنهنجي مائٽ ياشا ڳالهائڻ ۾ شرم نه ايندو هو. ڪٽ وار هن کي پسند نه هئا. لن ڊري گهاٽا ۽ لنبا ڪارا وار چوٽيءَ جي روپ ۾ چيلهه تي جهولي رهيا هئا. سنهڙا ڪپڙا هن کي پسند نه هئا جن مان انگ پردرشن ٿئي. هن کي هندستاني ڊريس ڪڙتو ۽ ساڙهي ئي پسند هئا. کاڌن ۾ هوءَ هندستاني کاڌا سٺا ۽ سوادي ٺاهڻ ڄاڻندي هئي ۽ رسوئيءَ ۾ ڪم ڪرڻ هن جي 'هابي' هئي. سياڻ جي مٽر ۽ ڪم جي قدرس هئڻ ڪري ئي سندريءَ هن کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو.

دنيش کي وٺي جڏهن ڪار بنگلي ۾ داخل ٿي ته انيتا نمستي ڪري دنيش جو سواگت ڪيو. اُن وقت هڪ هلڪي مسڪان هن جي مک تي هئي ۽ هڪ ناري سُلڀ شرم جي سُرمائي اکين ۾ هئس. ڳالهائڻ ماکيءَ کان مٺو ۽ هندستاني ناريءَ جي لهجي وارو هوس.

حال چال وٺڻ کان پوءِ ناشتي جو دؤر شروع ٿيو. انيتا دنيش لاءِ ديسي ۽ وديشي ٻنهي طرح جي ناشتي جي تياري ڪرائي هئي. هڪ پاسي مڪائيءَ جو ٻوڙو، سڇي گيهه جي خوشبوءِ وارو ۽ ڏهي، ٻئي پاسي ميٺ، ٻولا ۽ ٽوٽ لس.

ويون. ديوارن تي وڏيون شاهي پينٽنگس لڳايون ويون. غاليچن کي به ويڪيوم ڪلينر سان صاف ڪرائي چمڪايو ويو. شيشي جي الماريُن ۾ شو پيس چمڪائي رکيا ويا. مطلب ته گهر جي ڪايا پلٽ ڪئي وئي ٻن ڏينهن ۾.

گهر ۾ رسوئي ناهڻ لاءِ نوڪرياڻي ته هئي پر سنا طعام ناهڻ لاءِ هوشيار ڪُڪ جو به بندوبست ڪيو ويو. سڀ ڪم ڦڙتيءَ سان ٿي ويو.

صبوح جي فلائيٽ ۾ دنيش لهندو. ڪار جي به صاف صفائي ڪري چمڪايو ويو.

مونا جي خوشيءَ جو ته پار ئي نه هو. هن جي دل ۾ ته سندر سپنن جيڪو گهر ڪيو هو سي سچ ٿيندا ٿي نظر آيا.

ان ۾ شڪ نه هو ته مونا حسين، نازڪ ۽ ماڊرن هئي. هن پنهنجا وار هيڪارڻ بواءِ ڪٽ ڪرايا ۽ اسڪرٽ بلائوز پائي دنيش کي وٺڻ ماءُ سان ائروڊرام تي وئي. هن هلڪو ميڪ اپ ڪيو هو پر لپسٽڪ گهري لڳل هئس جيئن دنيش کي گهڻو ليائي سگهي.

ان وچ ۾ سندريءَ پنهنجي پيڻ جي ڌيءُ انيتا کي جيڪا مونا سان گڏ ڪاليج ۾ پڙهندي هئي گهرائي ورتو. جيئن ته ڪم ڪار ۾ مدد ملي سگهي.

فلمس سان ٿي پيار آهي. هن هڪ سنجيدو فلمي گيت
ڳايو. مونا انگلش گيت ڳايو. انيتا کي دنيش پڻ
ڳائڻ جي فرمائش ڪئي. هن ميرا جو پڻ ڏاڍي سريلي
طرز ۾ ڳايو. دنيش هن کي تمام ساراهيو.

شام جو سڀ فلم ڏسڻ ويا. دنيش هندستاني فلم
ڏسڻ پسند ڪئي. مونا کي نه وڻيو پر هن ماري سڃي
ڏ ۾ وهٽو پيس. انيتا پڪچر انجاءِ ڪئي. گهر اچي
روني کائي سڀ ٽهلڻ نڪري ويا. رستي تي دنيش
چيو، "هندستان ۾ ناريءَ پنهنجي اها جڳهه نه ناهي
آهي، جيڪري ڀارتين ۾ انهن ناهي آهي."

ان تي انيتا چيو، "مان نٿي مڃان. هتان جا طور
طريقا ڀيا آهن پر سٺا آهن. اتي ناري ڪيتري ب
ارو رب تي وڃي پر فئملي لائيف انجاءِ نٿي ڪري.
ماٿون ڪنبب کي پڻ ڪونه. روز طلاق ۽ فئشن
ڃي ڊوڙ ۾ ناري ئي ته برباد ٿي آهي."

دنيش چيو، "تنهنجو سوچڻ ڪنهن حد تائين ٺيڪ
آهي پر هندستاني پرش جي نظر ۾ ناري اتي ب
وجهه آهي بشرطيڪ ناري به هندستاني سوچ اختيار
ڪري."

انيتا - "اتي جي هوا ئي اهڙي آهي جو ناريءَ
ي سوچڻ جو طريقو مٽجي ٿو وڃي. اتي دوست نه مٽاءِ

دنيش ته ڏهي ٻوٻو ڏسي هڪدم ڪاٺ کي جهلي ويو ۽ پوءِ اُن ڪاٺي جي ساراهه ڪندي چيائين - "واهه ڇا ڪاٺ آهي پاڻي ڪنهن ٺاهيو آهي؟ دل ٿي ڪري اُن جا هٿ چمي وٺجن." هن سڌيءَ ۾ چيو. انيتا جا نيڻ شرم کان جهڪي ويا ۽ ڳلن تي شرم جي لالي ڇانئجي وئي.

هاڻي ناشتي کان پوءِ گهمڻ ۽ شاپنگ. جو پروگرام رکيو ويو. مونا وري فئشنيبل ماڊرن ڊريس پاتي ۽ گهرو ميڪ اپ ڪيائين. انيتا سمپل ڪپڙن ۽ ميڪ اپ ۾ هئي ته به من موهيندڙ ٿي لڳي. شاپنگ دنيش کي پنهنجي پسند پاڻ لاءِ ڪرڻي هئي. اُتي انڊين ڊريسون ۽ سوکڙيون پسند ڪيون وينديون آهن جيئن اسين هتي وديشي ڪپڙن ۽ سوکڙين کي پسند ڪندا آهيون.

دنيش ڏٺو ته هن جي ۽ انيتا جي پسند ميل پئي کائي، مونا جي پسند ۾ وديشي جهلڪ وڌيڪ هئي.

لنچ تائين اچي گهر پهتا. روٽي ٽيبل تي تيار هئي. سرهي جو ساڳ، آلوءَ جا پراٺا، ٻنز پنير جي ڀاڄي، ڪوفتا ۽ نان وغيره به هو. پر دنيش هندستاني کاڌو دل سان کاڌو.

کاڌي کان پوءِ ميوزڪ جي واري آئي. ڪير ڇا جاڻي، سوئي ڳائي. دنيش ڪي پراڻا گانا ۽ انهين

به ڪاڙهي ڪونه چاهيندي هئي. هيڪاري ڪاڏهي مان
نقص ڪڍي ڪُڪ ڪري پئي جهاڙيندي هئي ته هن
۾ هيءَ ڪهڙي آهي. هن ۾ غرور هو ۽ نڪ تي
سدا غصي جي جهلڪ نظر ايندي هئي. جڏهن ڪ
انيتا جي ڇوري تي سدا هڪ قدرتي مسڪان پئي
هن جو چهرو ٻهڪائيندي هئي.

مونا کي نه ساڙهي پائڻ ايندي هئي نه پسند هئي.
گڏو گڏ ميرا ڪير هئي، رام جو آدرش راماڻ ۾
ڪهڙو آهي يا ڪرشن گيتا ۾ ڪهڙو اُپديش ڏنو
آهي؟ ان باري ۾ ڪابه ڄاڻ نه هئي نه ئي ڪڏهن
هن ڄاڻڻ جي ڪوشش ئي ڪئي هئي. جڏهن ڪ
انيتا خالي وقت ۾ ڌرمي پستڪ چاهه سان پڙهي
اُنهن جا آدرش پاڻ تي لاڳو ڪندي هئي. هن کي
پڙهڻ جو چاهه هو. مونا کي گهمڻ ۽ اوچي اُڏڻ جو
چاهه هو پر انيتا هن ڌرتيءَ تي رهي ئي سچائيءَ
جي زندگيءَ کي جيئڻ جي چاهه رکندي هئي.

سندريءَ پڻ ڀارتيه سنسڪرتيءَ جي حامي هئڻ
سبب دنيش جي دل کي کيچي ورتو هو. پر مونا
دنيش جي دل تي ڪوبه اثر نه ڇڏي سگهي.

مونا پندرهن ڏينهن ۾ 45 وڳا مٽيا هوندا ۽ دنيش
کي طرح طرح سان پاڻ ڏانهن کيچڻ جي ڪوشش

ته اُن ناريءَ کي ڊڪيانوس چوندا. پوءِ ناريءَ جو اُن ۾ ڪهڙو ڏوهه؟ چوندا آهن جهڙو ديش تهڙو ويس، جهڙو اَن تهڙو مَن. پوءِ ناريءَ ۾ هندستاني تهذيب رهي ڪٿان؟ مان ته ايڏي ناري يا پرش جي آزاديءَ جي خلاف آهيان جنهن سان فئملي ٽٽي ٿي، پريم نٿو رهي ۽ بزرگن کي ته ڪير پسند ئي نٿو ڪري.”

وچ ۾ سندريءَ ٽوڪيندي، ”رات جا ٻارهان لڳا آهن هاڻي آرامي ٿيو.”

سڀ پنهنجي پنهنجي بستري تي آرامي ٿيا.

ڊنيش هڪ هفتي لاءِ آيو هو پر 15 ڏينهن رهي پيو. اِنهيءَ 15 ڏينهن ۾ هن مونا ۽ انيتا ۾ وديشي ۽ ديشيءَ جي جهلڪ ڏٺي.

مونا رنگين تتليءَ وانگر هئي. هوءَ سرير جي انگن جو پرورش ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهندي هئي. پنهنجي سندرتا جو پورو پرورش ڪندي هئي. جڏهن ڪ انيتا جي چُني ۽ ڪڏهن ڪلهي تان کسڪي ويندي هئي ته هوءَ پشيمان ٿي چُني پاسي ڏسندي هئي ته ڪنهن ڏٺو ته ڪونه؟

کاڌا ۽ هندستاني سوادي ناهي چاهه سان هوءَ ڊنيش کي کارائيندي هئي. مونا ته هڪ ڪوپ چانهه

زيور چاهه سان پائي. هندستاني کاڌا ناهڻ ۾ ماهر هجي ۽ هندستاني پتنيءَ وانگر پتيءَ کي ديوتا نه به مڃي ته برابر جو ساٿي ضرور مڃي. هوءَ وڏن جي عزت ڪري ۽ گڏيل ڪٽنب ۾ رهي سگهي. سپنن جي دنيا ۾ نه رهي ڌرتيءَ تي رهڻ واري هجي ۽ هن کي هندو ڌرم جي آدرش تي هلڻ لاءِ ڌرمي ڪتابن جو گيان هجي.

توهان پنهنجي سپتريءَ ۾ مٿين ڳڻن مان ڪو به ڳڻ نه ڏسندا. توهان ۾ ته هندستاني تهذيب جي پرمار آهي پر مونا ته ديش ۾ رهي به وديشي ٿي وئي آهي. ان ڪري مونا کي جيون ساٿي ناهڻ ۾ مان اسمرٿ آهيان. مونکي ان جو ڏک آهي.

مونکي ڪپي سادگي ۽ هندو سنسڪرتيءَ جي جهلڪ جيڪا توهان جي ڀيڻ جي ڌيءَ انيتا ۾ آهي. جيڪر انيتا منهنجي جيون ساٿي ٿيڻ قبول ڪري ۽ 'ها' ڪري ته منهنجو هندستان اچڻ سڦلو سمجهندس. مونکي اهڙي ئي سچي جيون ساٿيءَ جي ضرورت آهي. گهڻ وڌائيءَ لاءِ مونکي معاف ڪندا.

پيارن مان

دنيش

ڪئي. پر ڊينش اُنهن ڇوڪرن مان نه هو ته هو اهو ظاهر ڪري ته مونا هن کي پسند نه آهي. هن جي وهنوار ۾ شالينتا هئي. هو گنڀير هو جو معاملو جيون ساٿيءَ جو ۽ سڄي عمر جي نباهُ جو هو.

آخر ڊينش جي وڇڙ جو ڏينهن به اچي سهڙيو. مونا ۽ سندريءَ کي ڊينش جي 'ها' جو انتظار آهي. پر ڊينش مؤن آهي. ڪار ائروڊروم تي به اچي پهتي آهي. ٻنهي جون نظرون ڊينش جي 'ها' يا 'نه' جي هڪ جهلڪ لاءِ هن جي منهن تي کتل آهن. پر ڊينش ڌير، گنڀير لڳو پيو آهي.

هوائي جهاز اُڏامڻ تائين به هو ڪو جواب نه ٿو ڏئي ۽ هليو ٿو وڃي.

پندرهن ڏينهن کان پوءِ سندريءَ جي هٿ ۾ هڪ لفافو ٿو ملي. لکيل هو:—

ڊيئر آنٽي،

مان هندستان ۾ جيون ساٿيءَ جي تلاش ۾ انڪري آيس جو مونکي هندستاني تهذيب واري ڇوڪريءَ جي تلاش هئي. ماڊرن ۽ ويسٽرن رنگ ۾ رڱل تتليون ته مونکي هتي به گهڻيئي ٿي ملي سگهيون پر مونکي کپي هڪ هندستاني ناري جنهن ۾ ناريءَ جي شرم حياءُ جو گهڻو هجي. هوءَ هندستاني ڪپڙا ۽

پڪچر ڏسڻ ٿا وڃون، نوين ٻجي اچي وينداسين توهان خيال نه ڪجو.”

پر پنڪي لوڏ ڏئي ٻاهر نڪري وئي.

پنڪيءَ جي اُن سندر، موهيندڙ روپ تي ئي رتن فدا ٿي ويو هو. پنڪي ننڍپڻ کان گلاب جي رنگت واري هئي اُن ڪري ئي هن جو نالو پنڪي ئي رکيو ويو هو. هاڻي شادي کي سال کن مس ٿيو اٿن.

هونئن ته رتن به ٺاهوڪو جوان آهي، انجنيئر آهي پر هن جو گهر ۽ اُن جا سڀ ڀاتي سادا سودا آهن. هنن کي ٺٺ ڦونڊا اچن ئي ڪونه.

رتن جو پيءُ به انجنيئر هو، پر هو ايماندار ۽ محنت ڪش. ڪڏهن به رشوت نه ورتائين اُن ڪري عاليشان محل نه اڏائي سگهيو. هن جي پٽ ۾ به اهي ئي گڻ شامل آهن.

پنڪي خاصي امير گهراڻي مان آئي آهي. شروع کان ڪانوينٽ جي هاسٽل ۾ رهي گريجوئيٽ ٿي آهي. هيڏانهن امتحان ڏنئين هوڏانهن شادي ٿي وئي.

شاديءَ جا ڇهه اٺ مهينا ته هني مون سير سپاٽن ۾ ئي اڪري ويا. پر پوءِ رتن کي خبر پئي ته پنڪي ته تئي تي ڦلڪو وجهڻ به ڪونه ڄاڻي. مشين سان ڦاٽل

پيار جو احساس

آفيس مان موٽندي ئي رتن پنڪيءَ کي چيو - ”ڊارلنگ! اڄ پڪچر جون ٽڪيٽون وٺي آيو آهيان، تون جلدي چانهه پي تيار ٿي. ڇهين بجي گهران نڪرڻو آهي.

پنڪيءَ کي تيار ٿيڻ ۾ پورو ڪلاڪ لڳو. جڏهن هوءَ تيار ٿي رتن جي سامهون اچي بيٺي ته هو کيس ڏسندو ئي رهيو. کيس لڳو ڄڻ ڪا حور اِندر لوڪ مان هن پرٿويءَ تي لهي آئي آهي.

هن جو چندرما سمان چهرو، هرڻيءَ جهڙا نماڻا نيڻ، گلاب جي گلن تان ورتل ڳلن تي لالي، چپ لپسٽڪ سان ڳاڙها ٿيل ۽ هن جو سنهارن سان ڳاڙها ٿيل ۽ هن جو سنهارن سان سڄيل نيري ساڙهيءَ ۾ سينگاريل سونهري سرير.

رتن سندس حسن کي ٽڪ ٽڪ ڏسندو ئي رهيو. پوءِ هن جي ڪلهي تي هٿ رکي هلڻ جو اشارو ڪندو ڪمري کان ٻاهر نڪتو. رتن جي ماءُ در تي ئي ڇڏڻ آئي. رتن ماءُ کي پيري پئي چيو - ”ممي! اسين

ڏينهن رتن آفيس مان آيو ته ڏسي پنڪي ڪمري ۾
ڪانهي. هو پهرين ماءُ جي ڪمري ۾ ويو ته ماڻس
اُتي رسوئيءَ ۾ آئي. چانهه جا ٻه ڪوپ ٺاهي هڪ رتن
کي ڏنائين ٻيو پاڻ کڻي ٻيهي ويٺي.

رتن پڇيس – "ممي! پنڪي ڪيڏانهن وئي آهي؟"

ممي سهج سڀاءَ چيس، "هوءَ ته صبوح کان نڪتي
آهي، ٻڌائي ته وئي ڪونه."

رتن جي ماءُ جي آواز ۾ هڪ درد ۽ نراسا هئي.
رتن ڇتائي ماءُ جي منهن ڏانهن نهاريو ته منهن ڪومايل
۽ اکيون ڳوڙهن ڀريون ڏسي ڏجي ويو. ڇتائي ڏسي ته چهرو
زرد لڳو پيو اٿس. ماءُ جي مٿي تي هٿ رکندي
چيائين، "ممي ڇا توهان جي تبيعت ٺيڪ ڪونهي؟"

ممي چيو – "نه نه مان ته بلڪل ٺيڪ آهيان."

رتن چيو – "ممي! توهان کي ته مٺ بخار لڳو پيو
آهي. اهڙي ۾ توها گهر جو سڀو ڪم پيا ڪيو پنڪي
ته توهان کي اڪيلو ڇڏي وئي آهي؟"

ممي چيو – "ا، نه مان ڪا ڳوري وٺندس ته ٺيڪ
ٿي وينديس. چنتا جي ڪا ڳالهه ڪونهي."

رتن ماءُ کي ٻانهن کان وٺي سندس ڪمري ڏانهن
وٺي وئي بستري تي ليٽايو. پاڻ ڊاڪٽر کي وٺڻ لاءِ
ٻاهر نڪري ويو.

جو ٽوپو ڏيڻ ته ٿيو پر همت سان ٻه ٽوپو هٿڻ ڪونه اچيس.

چوندا آهن شاديءَ وقت ته ڇم ڏنو وهندو آهي پر پوءِ ڏنو ويندو آهي ڪم.

گهر ۾ ٻنهي ٻيڻ سڀ اجان رتن جي ٻيدي ماءُ سنڀالي. پنڪيءَ کي بس صبوح کان وٺي شام تائين سينگار، ڏينهن ۾ ٽي ويا مٽڻ، انگريزي مگزنون ۽ ناول پڙهڻ، انگلش گانن جي ٽيپ وڄائڻ مان ئي فرصت ڪونه ملندي هئي.

رتن جي آفيس وڃڻ کان پوءِ يا ته هوءَ ڪو ناول کڻي پنهنجي ڪمري ۾ ننڊ تي وٺي رهندي هئي يا سٽر سپاٽي ۽ شاپنگ لاءِ نڪري ويندي هئي روٽي کائي منجهند جو آرام سان سمهي پوندي هئي ۽ شام جو وري رتن سان سٽر، پڪچر، پارڪ، ڪلب يا شاپنگ جي چڪر تي نڪري ويندي هئي.

رتن جي ماءُ وقت تي روٽي ٽيبل تي لڳائي پوءِ ٽونهن کي سڏ ڪري ته هوءَ روٽي ٽرام سان اچي کائي. پنڪي کائي وري ڪمري ڏانهن رخ ڪري. نڪو گهر گرهستيءَ جي چنتا نڪو ڪنهن جي دک سک جو خيال.

پر سڀ ڏينهن ۾ هڪ جهڙا نه ٿيندا آهن. اُن

رتن هوئل تان ٺفن ۾ رونئي وٺي آيو، تڏهن پڇهي ڪاڏي.

رتن سڄي رات ماءُ جي پلنگ وٽ ڪرسي وجهي ويٺو رهيو. هر ڇهن ڪلاڪن تي ڪئپسول ڏيندو رهيو. سڄي رات اکين ۾ ڪاٽي ڇڏيائين. پر پنڪي اوڏو بہ نہ آئي.

چار ڏينهن رتن جاڳي ڪاٽيا. پنجين ڏينهن هن پنهنجي پرنسپل ڀيڻ کي تار ڪري گهرائي ورتو. ڀلا هو اڪيلو گهڻا ڏينهن جاڳي؟ ۽ آفيس مان موڪل وٺي؟

آشا اچي گهر ۽ ماءُ جي ذميواري سنڀالي تڏهن رتن ٿڌو ساهہ کنيو.

قدرت اهڙي جو ڪم ڪندڙ نوڪرياڻيءَ کي بہ هيئنر ئي بيمار ٿيڻو هو. پر آشا بلڪل دل نہ لاٿي. هوءَ تمام ڦڙتيلي ۽ هر ڪم ۾ هوشيار هئي. ٻاسڻ ملڻ کان وٺي جهاڙو پوچو ڪرڻ ۽ مريض جي سار سنڀال سان گڏ رونئي ناهڻ ۾ بہ هٻڪ نہ ڪيائين. ڪم ڪار کان سواءِ بہ هن ۾ ٻيا گڻ بہ تمام هئا. هوءَ تمام گهٽي کلمک، ملنسار ۽ سيڪي جو من موهيندڙ هئي. هن کي خبر هئي تہ پنڪيءَ کي رسوئي گهر کان پرهيز آهي، ان ڪري اڪيلي هوءَ بہ ماءُ وانگر ڪم ۾ لڳي پئي هوندي هئي. آشا خود ڪانوينٽ ايجوڪيٽيڊ هئي ۽

ڊاڪٽر اچي چڪاس ڪئي. چيائين - ”ٻخار تہ ڪافي ڏينهن کان ٿو لڳي ۽ هاڻي ٽائيفائڊ جو روپ اچي ورتو اٿائين. مريض کي آرام جي تمام گهڻي ضرورت آهي.“ ان وچ ۾ تہ رتن جي ماءُ جي حالت هيڪاريءَن خراب ٿي وئي، ٻخار وڌڻ ڪري بيهوشيءَ جي حالت اچي ٿيس.

ڊاڪٽر دوائون لکي هليو ويو.

پنڪي لڏندي لمندي هٿن ۾ ڪجهه بنڊل سنڀاليندي 8 بجي رات جو گهر پهتي. سڌي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ڪپڙا مٽائي انگريزي گانن جي ٽيپ لڳائي پڙهڻ لڳي.

رتن دوائون وٺي موٽيو تہ سڌو ماءُ جي ڪمري ۾ هليو ويو. جڏهن پندرهن منٽن ٽائين بہ ڪونہ نڪتو تہ پنڪيءَ کي عجب لڳو، هو تہ سڌو سڌ ڪندو پنڪيءَ وٽ ئي ايندو آهي، اڄ ڇو دير لڳائي اٿس؟ سوچيندي هوءَ سس جي ڪمري ۾ هلي وئي. ڏسي تہ هوءَ بستري تي ليٽي پئي آهي.

پنڪيءَ رتن کان پڇيو - ”ڇا ٻخار ٿي پيو اٿن؟“

رتن چيو - ”ها.“

پنڪي ايترو ٻڌي بہ اتي ترسي ڪونہ ۽ پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي.

"جيڪڏهن تنهنجي ماءُ بيمار ٿئي ته ڇا تون هن جي
شيوا نه ڪندينءَ؟ ته پوءِ سس جي شيوا ڪرڻ ۾
ڪهڙو اُهم آهي؟"

هن بي رخيءَ سان رتن کي جواب ڏنو - "اسان
جي گهر ۾ ايترا نوڪر نوڪرياڻيون آهن جو اسان
کي ته ڪنهن ڪم کي هٿ لائڻ جي ضرورت ئي
ڪونه پوي. بيمار جي سار سنڀال به اهي ئي لهن
مونکان ته رات جو جاڳڻ ٿئي ئي ڪونه.

رتن مٺو ٿي رهجي ويو.

هڪ صبوح آفيس وڃڻ لاءِ جيئن ڪڍي شرٽ پائي
ته ڏسي سڄو ڪالهو اُڌڙيو پيو آهي.

مجبور ٿي بي شرٽ ڪڍيائين ته ان جو ڪيسو اُڌڙيو
پيو هئو. ٻينءَ جي پريس خراب ٿي وئي هئي. تڏهن
ڙ ڪري چيائين - "پنڪي! تون سڄو ڏينهن ويٺي
آهين پر هڪ ٽوپو نٿي ڏئي سگهين؟

پنڪي تڪرار جي موڊ ۾ ڇوڙڻ لڳي - "نه، مونکي
ڪونه اچي ٽوپو ڏيڻ، جيڪڏهن توهان کي گهر جو ئي
ڪم ڪرائڻو هو ته ٽوپا ڏيندڙ هئا ته مون جهڙي
ڪانوينٽ ايڊيوڪيٽڊ ڇوڪريءَ سان شادي ڇو ڪيو
هان، ڪنهن اڻ پڙهيل سان شادي ڪيو هان."

ائين چئي پنهنجي ڪمري ۾ هلي وئي. ٿوري

انگلش ميڊم سان گريجوئيٽ هئي پر هن کي ان
ڳالهه جو گهمنڊ نه هو.

صبوح ٿيندي چانهه ٺاهي - "چانهه گرم - چانهه
گرم" جا هوڪا ڏيندي پاڻ پاڃائيءَ کي ڪمري ۾
چانهه ڏئي ايندي هئي.

وري نوين بجي ناشتو ٽيبل تي تيار ڪري چوندي
هئي - "اچو پُر پوءِ جا پيارا ناشتو اچي ڪيو."

منجهند جو ته نڙاڻ پاڃائي پئي روٽيءَ جي ٽيبل
تي هوندا هيون.

آشا ماڻ لاءِ ڪڏهن موسميءَ جو جوس ڪيدندي
ته ڪڏهن ٽماٽي جو سوپ ٺاهيندي، ڪڏهن دوا
ڏيندي ڪڏهن پاٽي اوباري ڌاري ماڻ لاءِ چاٽي
رکندي نظر ايندي هئي. پر هن جي پيشانيءَ تي
گهنج به نه هو. رات به هوءَ ماڻ جي شيوا ۾ جاڳي
گذاريندي هئي ته به هر وقت گلاب جي گل وانگر
پئي ٽڙندي هئي. ڪڏهن ڪو قصو ته ڪڏهن
پاڃائيءَ کي ڇهڻو ٻڌائي پئي کلائيندي هئي.

آخر آشا جي شيوائن رنگ ڪيو. سندس ماڻ جو
بخار لهي ويو پر هوءَ بيحد ڪمزور ٿي وئي هئي.

رتن پنڪيءَ جي ايڏي بيرخي ڏسي اڄ ڪلهه
من ئي من ۾ هن ڪان خفا رهڻ لڳو هو. هن چيس -

ٻڪي ٻاڻ کي ٺيڪ ٿئي سمجهي. اکہ کڻي نهاري ته هڪ پاسي رتن ۽ ٻئي پاسي آشا هن جي اکہ کلڻ جو انتظار ڪري رهيا آهن. رتن جي ڏاڙهي وڌيل ۽ منهن چنتا سان پيلو لڳو پيو آهي. آشا به ٿڪل ۽ غمگين ٿي لڳي.

ٻڪيءَ کي جاڳندو ڏسي آشا کلندي چيو –
”ته پوءِ اچي چانهه گرم؟“

چانهه پيندي ٻڪيءَ جي اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، ”ديدي مونکي معاف ڪندا.“ رتن ڏانهن به پاڇتا ڀري نگاهن سان نهارڻ لڳي. چيائين – ”برابر آهي ته دک ۾ ٻنهين جي پيار جو اسپرش اڌ دک دور ٿو ڪري ڇڏي. اُن پيار جي اسپرش سان ڪيڏو نه آساس ٿو اچي. او ٽرو نوڪرن سان ڪٿي ايندو؟“

اندري ۾ سسٽس کير جو گلاس کڻي آئي – ”هان ٻت کير پيءُ.“ چئي هن جي مٿي تي پيار جو هٿڙو گهمائڻ لڳي.

پيار ڀريا ٻول ۽ پيار جو ڇهاءُ پائي ٻڪي گد گد ٿي سس جي ڀاکر ۾ سمائجي ويئي. هن جي من ۾ پيار جو احساس ڇولين مارڻ لڳو.

ڏيئي ۾ سوٽ ڪيس هٿ ۾ کڻي ٻاهر نڪتي.
رتن لاءِ وچم آفيس ۾ هليو ويو.

آشا اهو رنگ ڏٺو ته هن جي هٿ مان سوٽڪيس ڪري ڪمري ۾ رکي آئي. پيار سان چيائينس - ”پاپي! توهان هي ڇا ٿا ڪيو؟ توهان کي لائين نه ڪرڻ گهرجي. شاديءَ کان پوءِ ساهرو گهر ئي پنهنجو آهي. سس ماءُ جو روپ ۽ ننڍڙا پيڻ جو روپ آهن. عورت جي هڪ ديٺي گهر کان ٻاهر پير رکڻ کان پوءِ وري انهيءَ چائنٺ تي نه چڙهي سگهندي.“

لائين چئي پاڪر پائي پنڪيءَ کي ڪمري ۾ وٺي وئي. چيائين - ”مان ته نندي ٿي توهان کي پئي اپديش ڪيان. ڇي ڇي!“ ۽ کلي پاچائيءَ کي ڪتڪتائي ڪري ٻارن وانگر کلائڻ لڳي. آشا هڪ گهر مان ٻه گهر ٿيندا بچائي ورتا.

اتفاق سان انهيءَ ئي رات پنڪيءَ کي اچي بخار ٿيو. رات جو وڏندو ويس ۽ هوءَ بخار ۾ ورقلڻ لڳي. رتن ڊاڪٽر کي وٺي آيو. ترت پنڪيءَ جو علاج ڪرايو ويو. سڄي رات آشا ۽ رتن ويٺي پنڪيءَ جي مٿي تي پٽيون رکيون، دوائون ڏنيون. رتن جي ماءُ ته نونهن جو هيءُ حال ڏسي پنهنجو ڏک ئي پلجي وئي.

ٻن ڏينهن کان پوءِ پنڪيءَ کي هوش آيو. اڄ

آهي، تون ٻه لاپرواهي نہ ڪبي. وڌيڪ تون سمجهدار
آهين."

هيما جڻ عرش تان فرش تي ڪري. هن تہ مٿو
قرڻ ٿوري دير جي ڪمزوري تي سمجهي پر هيءُ تہ
سلسلو ئي ٻيڙو تي لڳو. ۽ پوءِ جڏهن هن کي خبر
پئي تہ واسو گهڻي وقت کان بيمار آهي. ان ڪري تہ
ئي تو سگهي شادي ڪرڻ سان ٺيڪ ٿي وڃي، هن
جي شادي ڪرائي وئي آهي. هيما جي من ۾ ڪئين
سوال اڀري آيا تہ ڇا واسوءَ جي بيماري هن کان
لڪائي وئي آهي؟ ڇا هن سان دوکو ڪيو ويو آهي؟
هڪ بيمار جي شيوا لاءِ تہ هيءُ سڀ نہ ڪيو ويو
آهي؟ اهي ڳالهيون سوچي هن جو مٿو ڦري چڪرائڻ
لڳو.

ويس تہ ڳي هن سادا ڪپڙا پاتا ۽ پتيءَ جي شيوا
جنجي وئي. هن جو وشواس هو تہ هن جي پتيورتائيءَ
ان ئي واسو جلد ٺيڪ ٿي ويندو ۽ هن جا سپنا
ساڪار ٿي ويندا. هوءَ ٻدسا ڪنهن شڪوي شڪايت
ي ماٺ ميٺ ۾ واسوءَ جي تن، من، ڌن سان شيوا
ڪندي رهي.

پر 'مرض وڌندو ويو جيئن جيئن دوا ڏني.' واري
لهہ ڪارگر ٿي.

سپنا سچ ٿي ويا

هيما ڪنوار بڻجي جڏهن ڏينهن ساهري گهر آئي، هن جي من ۾ ڪئين جذبا جاڳي اٿيا هئا. هن جيڪي ڪنواري سپنا ڏٺا هئا اُهي سچ ٿي رهيا هئا. هوءَ به ڪنهن راجا جي راڻي بڻجي ڪنهن جي دل تي راڄ ڪندي. هن جو به هڪڙو ننڍڙو گهر هوندو ۽ جنهن ۾ هن جو حڪم هلندو. رسڻ پرچائڻ جو سلسلو هلندو.

پر هيما جا سپنا ته چانئٺ اورانگهڻ وقت ئي چڪناچور ٿي ويا هئا. چانئٺ تي ئي واسوءَ کي چڪر اچي ويا هئا ۽ هن کي ٻه چار دوست هوا ڪرڻ لڳا ۽ سهارو ڏيئي پلنگ تي ليٽائي ڇڏيائون. هيما ته هن کي ٿڪاوٽ جو ڪارڻ سمجهي گمڀيرتا سان نه ورتو. سس کي پيري پئي جڏهن ڀاڪر ۾ ڀريائين ته سس آسيس ڪيس - "سدا سهاڳڻ رهين." گڏ ئي ڪن ۾ چئي ڇڏيائينس، "هيما، واسوءَ جي طبيعت ڪجهه ٺيڪ نه آهي، ڊاڪٽر هن کي آرام ڪرڻ جي هدايت ڪئي

سڄو ڏينهن پئي ڪندي هئي ۽ رات جو ٽڪي پئي
رهندي هئي. پيلا هن جو ڏک، سور ٻڌڻ وارو هئو ئي
ڪير؟ ڪير ڪونه هو جيڪو همدردي يا پيار جا ٻه
اکر به هن سان ڳالهائي.

هيما اسڪول جي شڪشا پاڻي اچان نڪتي مس
ته ماميءَ پنهنجي ڌيءَ جو ٻوجو لاهڻ لاءِ هن
کي مريض واسوءَ سان پرڻائي ڇڏيو. هيما ڏهن سالن
۾ ئي اناٿ ٿي وئي هئي. مامو مامي وٽـي ويس ۽
جيئڻ تيئن پلجي هوءَ وڏي ٿي. اڇا هوندي به هوءَ
ڪاليج ۾ نه وڃي سگهي. نه ئي شاديءَ بابت هن کان
ڪا راءِ ئي گهري وئي. اڄ هوءَ پنهنجي پير تي
بيهڻ لائق به نه هئي. اس گهر جي چار ديواري ۾ هن
جي سڀ اڇا ئي هن جي سيما هئي.

وقت گذرندو ويو. ماڻ به پيت جو دک پلجڻ لاءِ
سنسڪ ۾ يا پاڙي ۾ ساهيڙين وٽ وڃي ڪڇ وقت
وڃائي پنهنجي من جي ڳالهه ڪنهن سان اوري ايندي
هئي پر هيما ته اندر ئي اندر ۾ پئي ڳرندي هئي.

ٻه سال ائين ئي لڪري ويا. وقت گذرندي کهڙي
ٿي دير لڳي.

هڪ ڏينهن ڪال بيل وڄڻ تي جيئن ئي هن در
کوليو ته هڪ اڻ ڏٺل جيئنامين، گورو چٽو، ڊاهو ڪن

پريا ٻه سال گذري ويا پر واسوءَ پلنگ نه ڇڏيو. مرض آهستي آهستي هن جي سرير کي لڪڙيءَ ۾ اڏوهيءَ وانگر ويو کائي ڪندو؛ آخر اهو ٻه ڏينهن آيو جو واسو هيما کي هميشه لاءِ ڇڏي هليو ويو.

هيما جي مٿي تي جيڪو نالي ماتر سندور ۽ تلڪ هو سو ٻه ڪسجي ويو. وڌاتا جي ليک کي ڀلا ڪير ٽو ميٽي سگهي. سڀني اهو چئي هن کان رخصت ورتي. پر هيما هئي جو ڦاٽل اکين سان بس آسمان ۾ ئي پئي نهاريندي هئي. هن جا سپنا جيڪي هن وري ٻه واسوءَ لاءِ ئي سهيڙي رکيا هئا شيشي جي پيالي وانگر هڪ ئي ٺوڪر ۾ چور چور ٿي ويا هئا. ايترو ئي هجي هان ته به ٺيڪ هو. پر سماج ته هن کي سڀني جي سامهون پئي ذليل ڪندي هئي. چي - "هن جا اهڙا ڀڳر پيا جو منهنجو پٽ کٽ تان اٿي ڪونه اٿيو. ڏائڻ کائي وئي مڙس کي. اهڙي نڀاڳي نونهن ملي مونکي."

هن جي شيوائن ۽ ڀاڳ جي ساراهه ڪرڻ ته ٺهيو ٻر هر ڳالهه ۾ تعانا ڏئي هن جو جگر جلائي ڇڏيندي هئي.

هيما ايڪانت ۾ ويٺي رت جا ڳوڙها ڳاڙيندي هئي. هن جو وس اچو ٿي ويو. سڀئي ڏهر جو ڪم

توهان تہ اجايو ٿا هن تي ڏوهہ هڻو، واسو تہ سالن کان بيمار هو، توهان کي تہ هن جي شادي ئي نہ ڪرائڻ گهربي هئي. اُلٽو توهان هن بيقصور کي ٿا ڏوهہ ڏيو. مان تہ سوچي بہ نٿو سگهان تہ هن شادي ڪرڻ سان هن کي ڪهڙو سک مليو؟ هن جا تہ ٻئي جهان ويا."

هيما رسوئيءَ ۾ سڀ ٻڌي رهي هئي. منوهر پهريون انسان هو جنهن هن جي دک کي صحي ڪيو هو. اڄ تائين ڪنهن بہ هن کي ٻہ اکر همدرديءَ جا ڪونہ چيا هئا. هيما ساڙهيءَ جي پلؤ سان ڳوڙها اُگهڻ لڳي.

اهو تہ قدرتي نيم آهي تہ جڏهن ڪير دکي انسان سان همدردي ڏيکاريندو آهي تہ ازخود ئن ڀرجي ايندو آهي. دک ڳوڙهن ذريعي ٻاهر نڪري ويندو آهي. هيما من ئي من ۾ منوهر کي ڌنيواد ڏيڻ لڳي.

روز منوهر ڏسندو هو تہ هيما جي رهڻي ڪيڏي نہ سادي آهي. سڄو ڏينهن ڍڳي وانگر پئي وهي تہ بہ منهن ۾ زبان نڪو شڪوا نہ شڪايت.

وقت تي ناشتو، روٽي، چانهہ وغيره جو ڌيان هيما ئي رکندي هئي. مجال جو چوڪ ٿي وڃيس.

ڪپڙن ۾ هن جي سامهون بيٺو هو. ٻنهي جون نظرون چار ٿيون ته هيما ته هن کي سڃاڻندي ٻه ڪوله هڻي، پاسيري ٿي هن کي اندر اچڻ لاءِ جاءِ ڏنائين.

انهي ئي هو هيما جي سس کي پيري پيو ته هيما جي سس هن کي ڀاڪر ۾ ڀري ڪٺي چنڙايو. ٻئي واسوءَ جي ياد ڪري روئڻ لڳا. واسو ۽ منوهر ٻئي گڏ پڙهيا هئا پر پوءِ منوهر وظيفو ملڻ سبب امريڪا هليو ويو ۽ هاڻي انجنير ٿي هت آيو آهي جيئن ڪو ڪم چالو ڪري. منوهر واسوءَ جي سڳي چاچي جو پٽ آهي. جنهن وقت واسوءَ جو انتقال ٿيو ان وقت هو امريڪا ۾ هو. هن وقت سوديش ايندي ئي چاچيءَ وٽ هليو آيو هو.

هيما چانهه ناشتو کڻي آئي ته غور سان منوهر هيما جي منهن ڏانهن نهاريو. سس جاڻ ڪرائيندي چيو، "هيءَ اٿئي واسوءَ جي زال هيما."

ان تي منوهر چيو، "واهه چاچي تو نُنهن ته چنڊ جو ٽڪر ڳولهي اٿئي."

سس منهن تي گهنڊ آڻيندي چيو، "چنڊ ٿي ته ڇا؟ قسمت ۾ ته ڪارهن ئي لکيل اٿس. انهي ئي منهنجي واسوءَ کي کائي وئي." ۽ پوءِ هوءَ روئڻ لڳي. هن کي چپ ڪرائيندي منوهر چيو، "چاچي،

چاچي - "تون نه ولائت مان چئا تـي آيو آهين ناستڪ ٿي آيو آهين. سواءِ جن تـي چٽرون پيو ڪرين. شاستون ۾ وڏ وائن کي من ۽ سرير کـي وس ڪرڻ جو وڏان آهي."

منوهر - "نه چئو وڏ وائن ۾ جان ڪونهي، آهي بيجان آهن. چاچي اڄ جي زمانـي ۾ تـه وڏ وائون وري شادي ڪري گهـر سنسار وسائـي ٿيون سگهن، اهڙا قانون به نڪتا آهن. ٻاهرين ملڪن ۾ ته وڏوائون ٻئي ڏينهن شادي ڪري وٺنديون آهن پـر به پنهنجي ملڪ ۾ به هاڻي ٻمبئي جهڙي وڏن شهرن ۾ اها ڳالهه عام ٿي وئي آهي."

چاچي - "هل، هل وڏو آيـو آهي مون سان بحث ڪرڻ وارو. اسان جا رشتيون رواج ٻاهرين ملڪن جهـڙا نه آهن. هتي وڏوا کي وري شادي ڪرڻ جو حق نه آهي. تو جهڙا ولائتي به چار اچي ويا ته هتان جـون رشتيون ئي بگڙي وينديون."

منوهر - "ڀلا ننڍي عمر ۾ ڪير وڏوا ٿي وڃي ته انـکي وري شادي ڪرڻ جو حق ڇو نه آهي؟ هيئا کي به پورو حق آهي تـه هـوءَ وري شادي ڪري پنهنجو گهر وسائي. جيڪو سگهه هوءَ هتي نه وٺي سگهي اهو اتي وٺي سگهي."

اڇن ڪپڙن مان تنگ ٿي هڪ ڏينهن هيما هلڪڙي نيري رنگ جي ساڙهي ڪڍي پاتي. ڏسندي ئي سٽس ته مٿو پٽڻ لڳي. ڏيڻ لڳس، "هاءِ هن زماني ۾ وڏوائن کي به فئشن لڳو آهي. ڪلهوڪي ستسنگ ۾ سوامي جن چون پيا ته وڏا ۽ جوڳيءَ بنهي جو جيون مڪڻ جي شيءِ پڇائڻ آهي. بنهي کي سنساري چمڪ ڪان ۽ ڳالهين کان پاسو ڪري من کي قابو ڪرڻ گهرجي ۽ هيءَ آهي جو اڄ رنگين ساڙهي پائي الائي ڪنهن کي ٿي ڏيکارڻ چاهي؟"

هيما ٻڌندي ئي ڪپڙا مٽڻ هلي وئي. منوهر اهو سڀ نانڪ وٺي ڏٺو. هن کان سٺو نه ويو. چيائين، "چاچي، توهان ته ڪوهه جي ڏيڏر وانگر اڃان اتي ئي پيا آهيو. ٻورو وڏي تلاءُ ۾ نڪري ڏسو ته اکيون کلندؤ. دنيا ۾ ڇا پيو ٿئي، دنيا ڪيڏي نه ترقي ڪئي آهي؟ ڀلا توهان اهو ته ٻڌايو توهان جو سوامي گرهستي آهي يا سنياسي؟"

چاچي - "هو ته گرهستي آهي."

منوهر - "پوءِ هو گرهستي ڇو آهي؟ ٻين کي اپديش ٿو ڏئي من کي وس ڪرڻ جا. اپديش ڏيڻ سولا آهن چاچي، انهن تي عمل ڪرڻ تمام ڏکيو آهي."

ايڪانت ۾ هيما منوهر کي چيو، ”مون سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿـــي ڪير ايندو؟ مان صرف مئٽرڪ پاس آهيان. توهان اجايو بحث ڪري ڇو ٿـــا پنهنجو وقت خراب ڪيو؟“

منوهر چيو - ”مان تنهنجي لاءِ ڇوڪرو ڳولهيندس. پهرين تون ٻڌاءِ ته تون به شادي ڪرڻ لاءِ تيـــار آهين يا نه؟“

هيما شرمائجي وئي. هن جي ڳلن تي لالي ڇانئجي وئي. هن نظرون هيٺ ڪري ڪنڌ 'ها' ۾ لوڏيو.

ٻئي ڏينهن هيما جي سس جي ڀيڻ بمبئيءَ مان اچي لٿي. هن کي به هيما کي ڏسي ترس اچي ويو. چيو، ”ڀيڻ نهن ته چندرمکي اٿئي. وڌاتا به ڪهڙي نه غلطي تو ڪري.“

منوهر چيو - ”مان چاچيءَ کي چوان ٿو تـــه هيما جي شاديءَ لاءِ مان ٿو ڇوڪرو ڳولهيان پر چاچي مڃي نـٿي.“

هيما جي سس چيو - ”ڀيڻ هن ڇوڪر کي سمجهاءِ اسان کي سماج ۾ ڪنڌ کڻڻ لائق به رهڻ ڏيندو الائي نه؟ پلا هن جي وڃڻ کان پـــوءِ منهنجو سهارو ڪير ٿيندو.“

منوهر چيو - ”ان جـو مطلب تـــه توهان پنهنجي

چاچي - ”اڙي! پر مان ٿي چوان ڪندو ڪير وڌوا سان شادي؟ ڇا ڪنواريون هڙئي مري ويون آهن؟“

منوهر هيما جو پاسو کڻندي چيو، ”اڄ گهڻائي نوجوان وڌوائن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار آهن. چڱو ڀلا اهو ته ٻڌايو ته توهان جي مرڻ کان پوءِ هوءَ ڪنهنجي سهاري جيئندي؟ ڪير هن جي سنڀال ڪندو. ناريءَ جي رکشا ڪرڻ لاءِ پرش ئي هڪ سهارو آهي. پوءِ هو ڀاءُ هجي يا پيءُ، چاچو هجي يا مامو. پر سڄي عمر هو به ڪنهن کي نه رکندا. هڪ پتي ئي آهي جيڪو عمر ڀر پتنيءَ کي سهارو ٿو ڏئي.“

هيما جي سس منوهر سان نه پڄي سگهي ته پڙ پڙ ڪندي، هٿ ڇنڊيندي ستسنگ ۾ هلي وئي.

ستسنگ ۾ به هن جو من ڀلا ڪيئن ٿي لڳو؟

پٺيان هيما ۽ منوهر اڪيلا ايڪانت ۾ هڪ ٻئي ڏانهن پريم نگاهن سان ڏسڻ لڳا. منوهر محسوس ڪيو ته هيما نه صرف ٻاهران ئي ايڏي سندر نه آهي جيتري تن من سان به پوتر آهي. انهن ڳالهين هيڪارين منوهر جو من موهي ورتو هو. کاڌو به هوءَ اهڙو سوادي ٺاهيندي هئي جو کائڻ وارو پيو آڱريون چٽي. سوادي کاڌو مڙد جي وڏي ڪمزوري ٿيندي آهي.

منوهر سچ ٿو چوي. ٻنهيءَ ۾ ته وڏائون عام جام شادي پيون ڪن، گهر وسائي سگهي به ٿيون آهن. اهو سچ آهي ته تنهنجي مرڻ کان پوءِ هيءَ ڪيڏانهن ويندي؟"

هاڻي هيما جي سس ٻئي پاسي جي مار کان ماٺ ٿي وئي. منوهر ولائت مان نئون وچار کڻي آيو هو. ٿڪل آواز ۾ چيائين - "پر ٻـه ڪير تيار ٿيندو هن سان شادي ڪرڻ لاءِ؟"

منوهر - "مان، مان تيار ٿيندس شادي ڪرڻ لاءِ. جيڪر مونکي هيما جهڙي جيون ساٿي ملي وڃي ته مان ڌنيه ٿي وڃان. ولائت جي رنگين ڇوڪرين کان ته ڀڳوان بچائي."

هيما جي دل ڌڪ ڌڪ ڪرڻ لڳي. هن کي ڪنهن ٿي وشواس نه پيو اچي ته منوهر جهڙو اپٽوڊيٽ ڇوڪرو هن سان شادي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو.

هيما جي سس هيما کي سڏ ڪري پڇڻ لڳي، "هيما، منوهر ته توکي پسند ڪري آهي، توکي به منوهر پسند آهي يا نه؟"

هيما نظرون جهڪائي ٻيٺي رهي.

سس هيما جو هٿ منوهر جي هٿ ۾ ڏيندي چيو، "سچ آهي، وڏا جو ڪهڙو ڏوهه جو هوءَ سڄي

سوارٿ لاءِ نوڪرياڻيءَ جا ڪم وٺڻ لاءِ هيما کي وهاري ويٺا آهيو. سماج آهي ڇا؟ توهان ۽ مان، اسان جهڙا انسان. ضرورت وقت سماج ڪهڙي ٿو ڪنهن جي مدد ڪري؟ ڇا هو بکئي کي کارائي ٿو؟ روئندڙ جا ڳوڙها اگهي ٿو؟ غريب کي ڌن ڏئي ٿو؟ جڏهن سماج اسان لاءِ ڪجهه ڪري ٿي ڪونه ٿو ته ان کان ڊڄي ڇو هلجي؟"

چاچي - "وڏن جون رکيون رسمون جيڪي ٺهيل آهن انهن کي ٽوڙڻ منهنجي وس ۾ نه آهي."

موهن چيو - "هي رکيون رسمون هاڻي بابا آدم جي زماني جون ڳالهيون ٿي ويون آهن. سماج پنهنجي سوارٿ لاءِ ئي رسمون ٺاهيون آهن. توهان جي مرڻ کان پوءِ جڏهن هيما کي ڪمائڻ کائڻ جو ڪو وسيلو نه رهندو ته هن کي پني کائڻو پوندو. ان وقت ڏسون ٿا ڪهڙو سماج ٿو هن کي خيرات ڏئي؟ ان وقت سماج جا ٺيڪيدار ٿي هن جي جواني خريد ڪرڻ ۽ ڀرشٽ ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندا. ان وقت ڪيڏانهن وينديون هنن جون رکيون رسمون ۽ هنن جو سماج؟"

چاچيءَ جي ڀيڻ جيڪا بمبئيءَ مان آئي هئي، اهي ڳالهيون ٻڌي ٻگڙجي وئي. چيائين، "ڀيڻ،

هُن مرڻ واري جي لالي تي ويٺي ڳوڙها ڳاڙي. جڏهن ڪه مڙد ٽي چار شاديون ڪري ٿو سگهي. وڌوا کي ٻه جيئڻ جو حق آهي. سنو ٿيو منوهر منهنجون اکيون کولي ڇڏيون. هاڻي مان هيما کي نونهن نه ڏيئي ڪري پرڻائيندس. جيڪو ڏک هن کي مون پنا وڏاتا ڏنو آهي اُن لاءِ مان هيما کان معافي ٿي گهران."

ائين چئي هن هيما کي پرڻم کان پاڪر ۾ ڀيري ورتو. اڄ هيما وري دلهن جي پوشاڪ ۾ سجيل ويٺي آهي پر اڄوڪي ۽ پهرينڪي سجاوٽ ۾ وڏو فرق هو. اڄوڪي رات هن لاءِ آنندي هئي هڪ روشن رات ۽ رات آنند جو پيغام هڪ نئين صبوح جو. جنهن ۾ هن جا سپنا سچ ٿي ويا هئا.

تعارف



ڪملا ٻناڻي

ڪملا ٻناڻيءَ جي ڪهاڻين جو نئون گلدستو لڇيل زندگي اسان جي هٿن ۾ آهي.

پڻ ڪملا جي وشين ۾ اوڙاڻ آهي. هن هلندڙ ماحول کي پاڻڪن جي سامهون پيش ڪري پاڻڪن ۾ حقيقي سماجڪ ٻراين جو پردافاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. گڏوگڏ ناري جاڳرتيءَ لاءِ هر ڪهاڻي ناريءَ جي اتياچار جي خلاف آواز اٿاري رهي آهي.

مونکي اميد آهي ته ليکڪا اڳتي هلي هن کان ٻه وڌيڪ ڀهتر لکن ۽ سماج جي سڌاريءَ لاءِ لکي سنڌي ساهتيه جو شان وڌائيندي.

ڪملا جون ڪهاڻيون سنڌيءَ ۾ آڪاشواڻي جئپور تان پرسارت ٿينديون رهنديون آهن، راجستان سنڌي اڪاڊميءَ جي رهاڻ ۾ ۽ وقت به وقت سنڌي مخزن ۾ پڻ آڪاڻيون لکي پنهنجي لياقت ظاهر ڪئي آهي. مان هن جي ساهت ڏانهن چاهه ۽ محنت لاءِ کيس داد ٿو ڏيان. هڪ سٺي گرهڻيءَ سان گڏوگڏ سڦل اڌياپڪا جو پارٽ لباهيندي رهي آهي. پڻ ڪملا جي هن ڏس ۾ هيءَ نئون مجموعو آهي. مان شب ڪامنائن سان گڏ سندس روشن آئينده ۽ سڦل ليکڪا جي ڪامنا ٿو ڪريان.

ٽي. سي. ڀڳت ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج رٽائرڊ، جئپور